# كلا جي ڪائنات ۾

[**شاعري**]

## اياز امر شيخ

## سنڌ سلامت
## ڪتاب گهر



كلا جي ڪائنات ۾ - اياز امر شيخ

سنڌ جا سچڻو سلام .........

سنڌ سلامت سنڌي ٻوليءَ جي ڪتابن جي ذخيري کي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ تائين پهچائڻ لاءِ **ڊجيٽل بوڪ ايڊيشن** متعارف ڪرائڻ جو جيڪو سسلو شروع ڪيو آهي، ان سلسلي جو **اٺويهون** ڪتاب **كلا جي ڪائنات ۾** اوهان اڳيان پيش ڪجي ٿو. هي شاعريءَ جو ڪتاب سنڌ جي خوبصورت شاعر **اياز امر شيخ** جو لکيل آهي..

اسين ٿورائتا آهيون سجاول جي سهڻي دوست سارنگ حبيب چانديو صاحب جا جنهن نہ فقط هن ڪتاب جي سافٽ ڪاپي موڪلي ڏني پر ان سان گڏ هي ڪتاب سنڌ سلامت تي پيش ڪرڻ جي اجازت بہ ڏني. هي ڪتاب **سليٽ اشاعتي شعبو** ٽنڊو قيصر پاران ڇپائي مارڪيٽ ۾ آندو ويو آهي.

اوهان سڀني دوستن، بزرگن ۽ ساڃاهہ وندن جي قيمتي مشورن، راين ، صلاحن ۽ رهنمائي جو منتظر.

**محمد سليمان وساڻ**
**مينيجنگ ايڊيٽر ( اعزازي )**
**سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام**
salamatsindh@gmail.com
**www.sindhsalamat.com**

# ارپنا

*سنڌ جي البيلي شاعر*
*۽ سنڌي شاعريءَ جي حُسن*
***حسن درس** ڪي*
*جنهنجي اوچتي وڇوڙي تي*
*ڇڻ تہ من ڪان سموريون خوشيون*
*ڇڇي، ڇٽي، ڪسجي ويون آهن!*
*آخر هن صديءَ جيڏي وڏي شاعر*
*ڪي پيئا ڏيڻ لاءِ ڪهڙو لفظن ڪي*
*تشبيهہ جي تارازيءَ ۾ تورجي...*

ڪويءَ جي روپ ۾ ڪيو تراش تو "اياز" کي،
غُلام سوچ ڪان جُدا ڪلا جي ڪائنات ۾.

اياز امر شيخ



www.sindhsalamat.com



## ڌرتيءَ جيڏو تُنهنجو دامن...!

تو ۾ هڪڙو سمنڊ سمايل
جنهن مان لهرُن لڳ پسايا
تُنهنجا نغما نينهن نگر جي
هر ناريءَ تي نچندي ڳايا
تُنهنجا نظم دلي جي ڏُن سان
نڙ ڦوڪن مان نِڪري نڪتا
اورانگهي سپ آر اکين جا
دل درياهہ مان اُپري اُڪتا
تُنهنجا سڏ پڙاڏا سارا
صدين جو سرمايو آهن
تو ۾ ساري سنڌ سُتل آ
جنهن جي سينڌ سنوارڻ لاءِ
ڪهنبن جهڙا خيال لکيا تو
تُنهنجا گيت گگن جون ڳالهيون
جن جو ويساهہ وقت ڏئي ٿو
تهذيبن ۽ تاريخن جي
مٿيءَ کي تو من سان ڳوهيو
تو ۾ ڪينجهر نوريءَ ٻڌجي
وکري پنهنجا وار وِڇايا
ڪجين تاڙيون، مڏ جون ماٽيون
گهريون گهاٽيون ولهہ وهاٽيون
پهر پهر ۾ پياس وڌائي
پيالن تُنهنجا پنڌ پُڇايا
تو ۾ عشق ازل ڪان اوتيل
تو ۾ ٿوهر ٽڪ پڳو هو
چاهہ چنبيلين تو مان چُميا
تو ۾ ننگر نيڻ ها کوليا
ٻاپيهن ڪئين ٻول ها ٻوليا
طنبوري جي تارن جهڙو
تو ۾ هو جڻ رقص رچيل
تنهنجي ڪلا جي ڪعبي سامهون
ڳوِتا جو هو ڪنڌ جُهڪيل
تو ۾ پيار پرينءَ جا پاڇا
ٿر وچولا اُتر ڪاڇا
تنهنجو مُلهہ نہ ماپي سگهيا
وحشي ڪارا ورديءَ وارا
تون تہ اسانجي روح رليءَ تي
ٽُڪ جيئان ئي ٽانڪيل آهين
تو ۾ هڪڙو مست قلندر
روز ڏمالن سان ٿي ڏڙڪيو
توسان ويڙهيل وطن وفا جو
جاڳ جي جوٽن تي پئي جرڪيو
ها پر تُنهنجي رَت ۾ رڱجي
لاڙ لُڇي ڏس ليڙون ٿيو آ
جوين رُت جا راڳ رُئاڙي
جلي سڄو جهمپير اُٿيو آ
ڌرتيءَ جيڏو تُنهنجو دامن
توکي ڪهڙي تشبيهہ ڏيجي
توکي ارپيا عشق سمورو
مُحبت رس جو مُشڪ سمورو
تو ۾ چوڏهين چنڊ اوجاڳيل!
تو ۾ آهي سمنڊ سمايل...!!

---

نوٽ: حسن درس جي وڇوڙي تي لکيل



www.sindhsalamat.com

# ’سليٽ‘ جون سِٽون

سنڌي شاعريءَ جي آڪاس تي هر دؤر ۾ ڪيئي روشن چنڊ ستارا جڳ مڳ جڳ مڳ روشنيءَ پکيڙيندا رهيا آهن. ڪشمور کان ڪيٽي بندر تائين هر ٿهيءَ جي شاعرن پاڻ موکيو آهي. شاهه، سچل، ساميءَ کان وٺي شيخ، شاهه، شيام تائينءَ جهڙا سرموڙ سدا سُهاڳڻ سنڌ ڌرتيءَ هر دؤر ۾ پيدا ڪندي رهي آهي.

ان ڏِس ۾ بجا طور اُتر سنڌ اڳڀري رهي آهي، پر لاڙ پَٽ کي جيڪا انفراديت حاصل آهي، سا بہ ڪنهن کان ڳُجهي ناهي. حاجي احمد ملاح کان اياز امر شيخ تائين لاڙ کي پنهنجو حُسن آهي، پنهنجو اسلوبِ بيان آهي – پراڻي ٿهيءَ توڙي نئين ٿهيءَ جي تخليقڪارن ۾ نوجوان اياز امر شيخ کي جيڪا جداگانہ حيثيت حاصل آهي، ان جو تعيُن تہ منصفِ وقت ئي ڪندو، پر منهنجي خيال ۾ اڄ جو تيز ذهن قاريءَ ان جو فيصلو هاڻي ئي ڪري چڪو آهي۔ اياز واقع بہ امر آهي.

مختصر عرصي ۾ اياز امر شيخ جو هيءُ چوٿون شعري مجموعو آهي، جنهن ۾ سندس ذات ۽ ذانءَ جو سنگم پُور–جوڀن تي نظر اچي ٿو. ان کان علاوه سنگيت ناٽڪ جي صنف تي اياز شيخ ڪانپوءِ اياز امر شيخ طبع آزمائي ڪري، بلاشڪ شعري دنيا ۾ امتيازي مرتبو ماڻيو آهي.

’سليٽ‘ جي پليٽ فارم تان پنهنجو نئون تخليقي پورهيو عام آڏو آڻڻ جي چونڊ ڪرڻ تي، ادارو سندس ٿورائتو آهي–هيءُ شعري مجموعو سنڌي شاعري، توڙي ’سليٽ‘ جي ڪتابن ۾ هڪ سٺو اضافو آهي.

**۔ آسي زميني**
26 جون 2011ع
’سليٽ‘ دانش گاهِ منصوريہ آشرم
ٽنڊو قيصر



www.sindhsalamat.com

# درد جي تاريخ...!

بي حسيءَ جي بازار ۾، عشق جي اکين جو اُداس ٿي وڃڻ ئي سڀ کان وڏو الميو آهي.

پر پوءِ بہ معاشرا محبتن کي ڇٽڻ بجاءِ، نفرتن جي آبياريءَ ۾ ڪافي اڳتي نڪري چُڪا آهن، بُزدلين جا بار اسانجي سوچ ۾ گهر ڪري سڪون سان ويهي رهيا آهن.

ڌرتيءَ جي درد جي ڳالهہ تي تہ ڪنهن جي اک مان ڳوڙهو ئي نٿو ڳڙي، ۽ اسان مذهبن جي مراقبي ۾ ايترو تہ ويڙهجي ويا آهيون جو وحشتون ۽ دهشتون اسانجي درن جا دورا ڪرڻ لڳيون آهن.

هر صُبح سانگهڙ جي شهيدن جي سڙيل ساهہ جيئان محسوس ٿيڻ لڳو آهي، ۽ وضاحتن جون اکيون عدالتن ۾ انصاف لاءِ نهاري، اوجاڳا ڪاٽي انڌيون ٿي ويون آهن، جن کي صرف ڏکيين تاريخن کان سواءِ ڪُجهہ بہ حاصل ٿي نہ سگهيو آهي.

هاڻ تہ غريبيءَ کان مانيءَ جو ملهہ پيي مهانگو ٿي ويو آهي، جنهن کي حاصل ڪرڻ لاءِ تہ الائي ڪيترين ئي اُگهاڙين اذيتن مان گذرڻو ٿو پوي، هر بُرائي نہ چاهيندي بہ پاڪُرن ۾ پرجندي رهي ٿي! جو تہ اسان پنهنجو پاڻ مان انسانيت جو احساس گهٽا ڏينهن اڳ وڃائي وينا آهيون، هر خرابيءَ جو ڪيسو ڄڻ تہ اسانجي ئي سيني ۾ سبيل هُجي، جنهن جي معيار کي محسوس ڪرڻ کان پوءِ بہ پنهنجو پاڻ سان ڪٽي هلڻ ۾ وڏو فخر محسوس ڪندا آهيون! هن سماج کي ساڙيندڙ نري جي موالين تي لکجي تہ آخر ڇا لکجي!؟ جن جا پار بُک جي اکين جو پِنل درد ٻڌجي صدمن جي صليب تي سُڌڪندا ئي رهن ٿا.

ان درد جي تاريخ کي آخر ڪهڙي دؤر جي دامن ۾ دفن ڪجي، جو اُجرائپون اکيون کولي سُجاڳيءَ ۽ سُنائيءَ جا سلام ڏيئڻ لڳن، سچ پُڇو تہ مون هميشہ پنهنجو پاڻ ۾ هڪ ڏکهي آوارگي رُلندي محسوس ڪئي





آهي. جنهن ۾ سِڪ سسئيءَ جيئان صدائن جا سفر لتاڙيندي رهي ٿي، پر وفائون ڪنهن بہ واٽ تي وساميل ڏيئي جيئان بہ نظر ئي نٿيون اچن، دغائن جي دؤر ۾ دلبريون ڳولجن تہ آخر ڪِٿي ڳولجن!؟ جتي ڪئين حُسن حوس جي هٿن ۾ ڇٽي بدصورتيءَ جي پيل جو نشانو بڻجي ويندا آهن ۽ عياشيءَ جي کُليل اکين اڳيان ڪيترين ئي ڳُنوارپون، ڪنڌ جُهڪائي قتل ٿينديون رهن ٿيون.

اسان اُن مُلڪ ۾ جيئون ٿا، جنهن ۾ زندگيءَ سان سموريون وابسط شئيون، ماڻهوءَ جي قد ۽ هٿ جي پُهچ کان پيي مٿاهيون ۽ مهانگيون ٿي ويون آهن.

- پر راتين کي رونقون بخشڻ لاءِ اُن ئي مُلڪ جي ماڻهن جا جسم سستا وڪاٽا ويندا آهن. اسانجي اندر مان اُجرائپ جا احساس حقيقتن جو حُسن وڃائي وينا آهن، هر برائيءَ جي بيماري اسانجي ذهنن کي ضعيف ڪري ڇڏيو آهي، ۽ اسانجا اسان کان وڃائجي ويل وجود، ڄڻ تہ وطن جي ويڙهہ کان اڳ ئي مارجي ويا هُجن. جن جي خوشين جا سمورا خيال بہ رڻ ۾ مري ويل اُن مُسافر جيئان نظر اچڻ لڳندا آهن، جنهن جو ماس ٻُڪايل ڳجهون پٽي، سُڃاڻپ جي سُڌ کان ئي ڪيڏي ڇڏينديون آهن، ۽ افسوس جي احساس سان چوٽو ٿو پوي تہ-

پوءِ بہ ڪا وارثي، اوجاڳن جي اک بڻجڻ لاءِ تيار ئي ناهي! آزاديءَ جون آيتون فڪر جي هٿن کان قُرجي چُڪيون آهن، سنڌ جي سيني مان سچائيءَ جو سج الاءِ ڇو اُپرڻ جي ڪوشش ئي نٿو ڪري! سياستن جا سڀ صُبح وياجن تي وڪامجي رهيا آهن، ۽ رُسوائيون زندگيءَ جي رستن تي هڪ ڏکهي غُلاميءَ جو بار کڻلي رهيون آهن، جنهن جو سُور هر صديءَ جي ساهہ سان سبيل رهندو.

منهنجو هيءَ چوٿون ادبي پورهيو "ڪلا جي ڪائنات ۾" سچ پڇو تہ سنڌ جي سڏن ۽ سُڏڪن تي سوچيندي سوچيندي الاءِ ڪيئن لکجي ويو آهي! هر درد ۾ هڪ دانهن هوندي آهي، جنهن جي وضاحت وقت پاڻ ڪندو آهي. مون اها عشق جي احساس جي دانهن توهان دوستن اڳيان ڇڏي آ،

ڏسون تہ اُن ۾ ڪيترو اثر آهي.

آخر ۾ آئون ‘سليٽ’ دانش گاهہ ۽ محترم آسي زمينيءَ جو تمام گهڻو شُڪرگذار آهيان، جنهن منهنجي ڪتاب کي ڇپائڻ ۾ ڀرپور دلچسپي ورتي، هڪ نئون پنهنجائپ جو پيار ارپيو آهي.

سنڌ سلامت

ساٿ سلامت


**- اياز امر شيخ**

C/O مارئي ميڊيڪل اسٽور

مين بس اسٽاپ سجاول ضلعو ٺٽو سنڌ

Cell# 0334_7091595






## وقت جي ايش ٽري ۾...!!

سج سگريٽ وانگي دُکي آ پيو
دُونهن ٻڄجي سنڌوءَ مان
اُڏي ڌوڙ پئي
وقت جي ايش ٽري ۾
صدين کان وٺي
گڏ اُميدن جي رک آهي ٿيندي رهي
ڏاڍ جي تيز ڏاٽن آ ڏاڙهي چڙهيو
ست دل جي سڳونن جي

هر صُبح جو
تازگيءَ جو تصور ڇمي ٿي نٿو
چاهتن کي ڀِڪي ڪو چُمي ٿي نٿو
هر قصو ڇڻ ڪا تازي
قبر ٿو لڳي
زخمي، ڇڇريل، وڍيل ڪو
اندر ٿو لڳي
رَت پيو ٿو ٿمي ٿهڪ جي تار مان
سوڳ سُڏڪيو اُتن لڙڪن جي لار مان
انتظاريون اکين ۾ اُجهاميو ٻرن
سال گذريا صديون
تڙپ جي تکّ ۾
وحشتون دهشتون
وات ۾ وکّ ۾
هت قتل ٿو ٿئي آس ۾ آسرو
ڀاڳ لُتجو وڃي پيار کان ٻانورو
سار جون سانجهڙيون
سرد ٿينديون وڃن
ظلم جي زهر ۾ زرد چهرا لُڇن
ڇهڪ چيري اچي هانءَ ۾ ٿا ڪُپن
ڇڻ خدائيءَ جو ڪوئي تصور نه آ
قُرب جو سارو ڪعبو پيو آهي ڊٺل
ڪابه آباد آزاد نگري نه آ
مُحبتن جي وئي مسجد ٿي ويران آ
ڪٿ به پوڄا نه گوتم جو ٿي گيان آ





رهزني روح کي
آ روئاڙيو گهٽو
ذلتن جي ضعيفيءَ ۾ انسان آ
نفرتن جا اجا نيڻ جاڳن پيا
ماٺ مڪليءَ جيئان ڇائجي آوئي
عشق آوارگيءَ جي
رُلن رُڃ ۾
سونهن جا سلسلا
پيا سڙن سُڃ ۾
درد درياهه ٻڌجي ڇُلي ٿا پون
سچ جي سنڌ ڏي ڪو
لڙي ٿي نٿو
چنڊ ڪوپي گگن تي
چڙهي ٿي نٿو
ڦهر جا ڪوڙ ڪارا رُلن، پيا ڪکر
سپ ساٽا لڳن زندگيءَ جا پهر
لاٽ هر ڪا لُڇي ٿي وئي لاش آ
بارشن ۾ پنل دل جو آڪاش آ
رات تارن کي جڏهن رُئاڙيو پئي
مون نه تولئه رڳو بس نهاريو پئي
ساهه منهنجو سِڪي ۾
ڏُکي آ پيو
سچ سگريٽ وانگي دُکي آ پيو..!!!

❀

## ڪويءَ جي ڪتا...

ڏس تہ ڪويءَ جي ڪوملتا ڪي
هاءِ غريبيءَ ڪيڏو گهايو
مانيءَ جي هڪ ويلي ڪارڻ
رُسوائين آ خوب رُلايو
هُن جي احساسن جي اُپ مان
نظمن جهڙا نيڻ رُنا هن
هُن جي ٻاڳن جي بستيءَ ڪان
سُک جا سارا سيڻ ڇنا هن
اڄ سو شهر جي چوراهي تي
سودي سان گڏ ذات جا ٻاريل
گاڏي تي پيو گيت ڪپائي
ٻُک جي آڏو بيوس ٻڙجي
ٽيڙن جهڙا ٺهڪ وڄائي
وينو هر هر واڪ لڳائي
بيت نہ پيٽ پري سگهيا هن



ڪلا جي ڪائنات ۾ - اياز امر شيخ

خالي شُهرت ڳَرب ٻٽي آ
لُڙڪن سان هر رات ڇٽي آ
ڪالهہ سچل جان سرمستيءَ ۾
ڪيڏا سچ لکي ويو سٽ ۾
جنهن جي غزلن جا گهاڙيٽا
ڄڻ تہ شهيدن جا رت ريٽا
ڪوپي تن جو مُلهہ نہ ٿيو آ
سوچن ۾ پي هُل نہ ٿيو آ
ها پر هُن جا هوڪا ڄاڳن
ڪو نہ ٿا رستا رُلندي ٿڪجن
هُن جو هرهڪ سڏ ۾ وائي
ڄڻ تہ طنبوري ساڻ پٽائي
پوءَ بہ ڏُکن جي ڏاڙهيل ڏيهہ ۾
لڳ اُنهيءَ جا غُربت لُٽيا
هُن جا نغما سنڌ نہ سُٽيا
۾ نہ وري گهر جي ڇت ٻٽيا
ڏينهن سڄو سو ڏُک ۾ ڏرجي
پيڙائن ۾ روز پگهرجي
پورهيئي مان چند پئسا ميڙي
گهر جي چُلهہ اُجهاٽيل ڏي آ
موٽيو مُرڪ ڇپن تي ٽيڙي
ڪوتا جا سپ خواب اُکيڙي!

## اڃا سرمد پيو سوچي…!!

ٺٽي جي سُرخ سانجهيءَ تي،
اڃا سرمد پيو سوچي...!!
هزارين دار جا دڙڪا
گلين ۾ گهر ڪري ويا هن
اپيچند جي اکين جهڙا
صبُح اڄ پڻ سُتل آهن
نہ ڪنهن پڻ چاڳ جو چرچو
چپن تي چنڊ ٿي اُپريو
نہ ئي ڪنهن نينهن جو ناتو
نزاڪت ساڻ آ نبريو
رفاقت جي رواجن ۾
سڙيل سونهن جي سماجن ۾
بغاوت ڇو نہ پڙڪي آ!؟
پيئي جا رت پئي روح جو
اُنهيءَ مغلِ پرستيءَ ڪي



www.sindhsalamat.com



نہ ماري آ سَگهيو ڪو پڻ
تڏهن هي تڙپ جي وک جو
وهي پيو وهڪرو تڪ سان
ظلم جي زرد خنجر مان
خوشيءَ جو خون جاري آ
مُحبت جي مزارن تي
نہ ڪنهن پڻ لاٿ ٻاري آ
سڄو ماحول مڪليءَ جي
مينارن جان ڏٺل آهي
سمايل سوڳ ساهن ۾
لڳي هر من مُئل آهي
اڃا دارا جي دردن جو
ستم سيني ۾ سُڏڪي ٿو
اڃا ڪئين آس جون آهون
اکين مان آب ٿيو اُپرن
اڃا تاريخ جي تن تي
نئون هر زخم زنده آ
اڃا فتويٰ جي ڦنڊي مان
نہ ماٺي عشق آزادي
اڃا مُلا قوي جهڙا
ڪئين ڪردار پلجن پيا
هوائُن ۾ هُڳائُن جو
رهيو ساڳيو حُسن ناهي
اڙي راڳي اُٿي ڪجھ ڳاءِ!
ڪٺي سُرندو صداقت جو



www.sindhsalamat.com

اُملھ آواز اوچي سان
نئين ڪا جوت جاڳاءِ!
سُڳنڌ سان سنڌ مهڪاءِ!
دليون درياھ ٿي ڇُلڪن
پترڻ تي پيار جا پيرا
ملڻ جي مُند ٿي مهڪن
نہ مُرڪي موت مانجهيءَ تي
ٿئي جي سُرخ سانجهيءَ تي
اجا سرمد پيو سوچي.....!!





## وفا جا ڏيئا...

اچو وفا جا ڏيئا ڪي ٻاريون
لڪي ويا جي ليئا سي ساريون
اُداس رُت جا عذاب ماري
گليءَ گليءَ ۾ گُلاب هاري
ڏکن مٿان درد سپ ٻُهاريون
اچو وفا جا ڏيئا ڪي ٻاريون!

جتي بہ هاريل ڪو تازو رت آ
سڙيو سڳونن جو سارو ست آ
دُونهاٽيل هن دلين جا ديرا
هينئين ۾ دُک جا چُڀن ٿا چيرا
خيال خوشبوءِ ٻٽيا نہ آهن
لُڇن ٿا خنجر جي نوڪ تي ڪئين
حقيقتن جا حساس چهرا
جتي رڳو بس هُجن انڌيرا
اُتي نوان چنڊ ڪي اُپاريون
اچو وفا جا ڏيئا ڪي ٻاريون!

چپن ڪان ڪيڏيون ڇُميون ڇنيون هن
رُڳو اکيون عشق جون پنيون هن
نہ ڪنهن بہ چاتيءَ ڇُهاءُ ماڻيو
سُڪن جي سانجهي سُڃي ٻٽي آ
بدن بدن پيل تي پُريو آ
نہ ڪنهن بہ ڇڳ سان آ چاهہ واڻيو
رُڳو دغائُن ڏکي آ تاڻيو
اُتي نزاڪت جا نينهن تاريون
اچو وفا جا ڏيئا ڪي ٻاريون!

اجا تضادن جي تلخين ۾
بهار پوڳيو آ بي رُخين ۾
اجا ڳُهاڙين جي تاڙ ساڳي
اُپي آ جڳ ۾ اُجاڙ ساڳي
اجا تہ جَرڳا جيئن پيا ٿا
غلام سوچن جي غُربتن تي
رهي آ روح تي لتاڙ ساڳي
ٻُڏل لهوءَ ۾ آ لاڙ ساڳي
اُٿو تہ وحشت ڏکي ڏڪاريون
اچو وفا جا ڏيئا ڪي ٻاريون.



ڪلا جي ڪائنات ۾ - اياز امر شيخ

## اجا مياڻي سُتي نہ آهي...!!

اجا مياڻي سُتي نہ آهي...!!
ڏُکن ڪهاڻي کُٽي نہ آهي
پلي تون مڪليءَ جي ماڻ کان پُڇ
هزارين ڪتبا گواهي ڏيندا
اُجاڙ ساڳي اجا اُپي آ
گهٽي نہ غم جي ذرو ڇِپي آ
زمين ساري ٿي زرد وئي آ
گُلاب ڪيڏا ڇڇي ڇڻيا هن
سُڪن جي موسم ٿي سرد وئي آ
ذري ذري تي ذلالتن جا
اجا انڌيرا اُهي ئي ساڳيا
اجا تہ ويرين جي وحشتن جا
پٿن تي پيرا اُهي ئي ساڳيا
رڳو تضادن آ تڙپ پوکي
جڏهن بہ ڳيرو اُيا ٿيا هن
اي ديس! توتان ڳيا ٿيا هن
گلي گلي تي وئي گهاٽ آهي

اجا اُهائي اُساٽ آهي
ڏڱن تي ڪيڏو آ درد هاريل
سڏن ۾ سُڏڪيل ٻوساٽ آهي
ڪلي نہ ڪاپي ٽڙي ٽهڪ سان
وڍيل وڻن تي جڻ ساٽ آهي
اجا تہ گهوڙن جي ٽاپولين جي
اُهائي اُڏري پئي ڌوڙ ساڳي
اُميد جو آ ڏيئو اُجهاڻيل
نہ روح تي ٿيو ڪو رقص رمجهم
ڪسي پيرن ڪان وئي آ پايل
نہ پيار جي ڪٿ پُڇاءَ ملي ٿي
اجا تہ رَت جا اُهي ئي ريلا
اُگهاڙ پڻ سان رُتن تي هاريل
اجا تہ قاتل قصا قهر جا
خيال ڪٿ هن ڪُٺا خنجر جا
وفا جو ٻيي آ وجود زخمي
وصال وڪري وڃائجي ويا
رڳو حُسن جي لئہ زهر جا ڳيا
حقيقتن جا هينئيان لتاڙي
قيامتن جهڙا پهر جاڳيا
اي سنڌ! تُنهنجي صداقتن جا
صُبح ڪنوارا ڪُٺا ويا هن
جڏهن بہ پنهنجا غدار ٻڻيا
تڏهن ستم ڪئين سَنا ويا هن.


www.sindhsalamat.com



## سارڌڙو مندر...

هوءَ جا سارڌڙي مندر ۾
سانولڙي ڏس سانجهيءَ ٽاڻي
ديپ جلائڻ ايندي آهي
گهنڊ وڄائي ويندي آهي

پوڄا جهڙو پيار ورهائي
هر من ۾ مانڌاڻ مچائي
گُهورن سان ڪئين گيت پکيڙي
وقت وفا ۾ سارو ويڙهي
ماٺ جي منجهيل ماحولن ۾
مُرڪ ملائي ويندي آهي
ديپ جلائڻ ايندي آهي.


www.sindhsalamat.com

هر روح جي رستي تي گهمي ٿي
پايل اُن جا پير چُمي ٿي
سُونهن، سڳي چا گج ۾ گهيريل!؟
چنريءَ ۾ جرڻ چنڊ آ ويڙهيل
چاهت جي چانڊوڪي ٻڻجي
رنگ رچائي ويندي آهي
ديپ جلائڻ ايندي آهي.

واٽون اُن مان واس وٺن ٿيون
ڳوٺ ڳهر ۾، ڳليون رهن ٿيون
روز ستارا اُپ مان ڪڙن ٿا
گلّ چڏي پونئرا پيي مڙن ٿا
هر ڪلا جي ڪنواريءَ ڪچ تي
نظم نچائي ويندي آهي
ديپ جلائڻ ايندي آهي.

پڳوانن جا پاڳ ڪُلن ٿا
پهر پڪاريو پنڌ پُچن ٿا
ڪارونجهر جا لڳ لُڏن ٿا
شهر ننگر جا نيڻ ٺرن ٿا
گاؤُمکيءَ جي گنگا مان جو
پير پُسائي ويندي آهي
ديپ جلائڻ ايندي آهي.





ڪلا جي ڪائنات ۾ - اياز امر شيخ

## حادثن جي هٿن ۾...

صدين کان ئي زخمي وفائُن جي وڍيل، وجودن جا ساٽا حصا پيي ڏسي وج، اسان سختين ۾ صليبن جا ساٿي، اها عشق جي انتها پيي ڏسي وج!

ٽُٽل ٿهڪ دل جي دڳن تي رکون ٿا، تتل آس جي انتظاريءَ ۾ تڙپي، نہ سڏڪو نہ ڳوڙهو ڳلن تان ڳڙي ٿو، مليل مُحبتن جي سزا پيي ڏسي وج!

اُداسين جي آرهڙ جي آوارگيءَ ۾ سوين سڏّرولاڪ ٻڻجي رڙن ٿا، لٿو لاش لاوارثيءَ جو نہ من تان، ڪُٺل درد جا ڪئين قصا پيي ڏسي وج!

سدا حادثن جي هٿن ۾ رهيو جو، خوشيون جنهن جون خانا بدوشي وئي ڪائي، وڍيو وقت جنهن کي ڏئي گهاءَ گهيري، اُنهيءَ شخص جي تون وفا پيي ڏسي وج!



www.sindhsalamat.com

شهيدن جا ڪتبا هينئين ۾ چُپين ٿا، اجا وارثي ناهي وسري وطن جي،
اسان سچّ سان هر صفحي تي لکي جا، سا تاريخ جي تون ثناءَ پيي ڏسي وچ!

سوين ڪهڪشائون اکين ۾ رکون ٿا، اسان مقتلن ۾ آ مياٽيءَ کي ماپيو
سُڪو رت روح جي نہ رستن مٿان آ، سچي سُرخ آهي ڳلا پيي ڏسي وچ!

اچون پيا اچون پيا هوائُن کي چئجو پنل ديس جي اُن صدائُن کي چئجو
اسان سرڪشيءَ سان ستارا لتاڙيون، وڙهون ويڙهہ جيڪا اُها پيي ڏسي وچ!

❀





## متيءَ جي گهرن ۾...

جڏهن سانجهہ تُنهنجي سڳيءَ جان سڏيو آ
خوشيءَ ۾ سجو روح سڪندي اُڏيو آ
پرينءَ ڳوٺ جي دلبريءَ جي دڳن ڏي
وڏيا پيير چُمين جا آهن چپن ڏي
شبابن جي لامن تي من جڻ لُڏيو آ
جڏهن سانجهہ تُنهنجي سڳيءَ جان سڏيو آ

اجا ڳهر ساڳي اُها ئي ڳلين ۾
اکيون عشق ٻڻجي لٽيون هن دلين ۾
مُساڳن جي تازي مهڪ جو قسم آ
صفا سُونهن ۾ سنڌ جهڙو صنم آ
ڳگن سان وجي گيت منهنجو گڏيو آ
جڏهن سانجهہ تُنهنجي سڳيءَ جان سڏيو آ



سنڌ سلامت

اُجون قُرب جون هن ڪُنواريون ڪٿائون
هينئين ۾ هُرن ٿيون حُسن جون ادائون
ٽڙيا ٿهڪ جڏهن گجن جي ٽڪن تي
نچيا نينهن نازن مان نئين سر نٽن تي
ڪنگڻ پيي ڪلائيءَ جي ڪڇ ۾ ڳُڙيو آ
جڏهن سانجهہ تُنهنجي سڳيءَ جان سڙيو آ

متيءَ جي گهرن ۾ ڏيئي جهڙو آهين
سڪايل اکين لئہ ليئي جهڙو آهين
وفائُن جا تو ۾ پهر پاڪ ٿيا هن
اُميدن جا تو ۾ اچي ٿاڪ ٿيا هن
وراڪن ڪٿي پل ڪو واندو ڇڏيو آ
جڏهن سانجهہ تنهنجي سڳيءَ جان سڙيو آ

لتاڙي هلي آ حجابن جا سينا
گُناهن سان گڏ سپ ثوابن جا سينا
مُحبت جو تون چڙ مدينو لڳين ٿو
سچو سڪ مان پريل ڪو سينو لڳين ٿو
اسان آس جو گهر اوهان لئہ اڏيو آ
جڏهن سانجهہ تنهنجي سڳيءَ جان سڙيو آ.



www.sindhsalamat.com



## مقتلن جي مٽي...

شهيدن جي رت کي لڱن سان لڳائي
اسان مقتلن جي مٽيءَ کي چُميو آ
غلاميءَ جا پيرا هينئين تان هٽائي
اسان غيرتن جي گهٽيءَ کي چُميو آ
اڃا جاڳ جذبن مان ناهي گهٽي ڪا
ستارن جيڏي سوچ پنهنجي رکون ٿا
اُميدن جي اڻ کُٽ موسم ۾ مُرڪي
سوين گيت سچ جي سفر تي لکون ٿا
مجون ٿا اوهانجي هٿن ۾ هزارين
قلم ڪوڙ جا ڪارا ڳُڙندا رهن ٿا
۽ فتوي جا ڦندا بہ لُڏندا رهن ٿا
سوين دارا، سرمد سمهاري ڇڏيو ٿا



www.sindhsalamat.com

لڪي مذهبن جي تہ محراب اندر
ڪئين قُرب جا ڪعبہ ڍاهي ڇڏيو ٿا
اوهان منصفو ٿيا ڪفر جي قصي جا
اسان سڀ لطيفي لهر جي حصي جا
اوهانجي هٿن ۾ هي تسبيح جا داڻا
وڏن ٿا رڳو آڱرين کي وڍڻ لئہ
وضيفن تي قُرآن وڪڻي ڇڏيو ٿا
عبادت ۽ ايمان وڪڻي ڇڏيو ٿا
اوهانجو نہ انسانيت سان ڪو رشتو
اسان ڪونہ ڄاڻون ڪٽي اهڙو ڪشتو
اسان ۾ اوهان ۾ فرق آ فڪر جو
ڀِٽائيءَ بلاشاهہ سچل جي ذڪر جو
اوهان وٽ حديثون بمن ۾ ڀُرن ٿيون
ڪٽي ماس ٽڪرا اُڀن ڏي اُڏن ٿيون
خدا جي بہ گهر ۾ ٿي گوليون وسن ٿيون
هوائُون بہ رت ساڻ رڱجي وڃن ٿيون
اوهان آيتن سان قتل ڪئين ڪيو ٿا
سڄي ماٽ ۾ سونهن ساڙي ڇڏيو ٿا
اسان عشق آدم سان ئي بس ڪيو آ
ڏيئو راهہ اونداهہ ۾ ٻاري رکيو آ
اسان پنهنجي تحرير جي تبصرن ۾
سدائين ڪئي وارثي آ وطن جي
سبيل ڳالهہ سا هن ۾ اجرڪ ڪفن جي
اسان عاشقيءَ جي اکين جا مُسافر
سوين مُحبتن جا ٿا معراج ماڻيون



www.sindhsalamat.com



سنپالي رکون ٿا سنجها جا سنيها
پرهہ جي پڳهر مان ٿا خوشبوءَ کي چاڻيون
اسان سرد احساس جي سختين سان
ڪرڻ گنبزن ۾ گُناهہ ڪون ڄاڻون
ثوابن جي لاءِ نہ سجدا وڇايون
ڪليسا ۽ مسجد رکون هڪ ئي من ۾
اسان مندرن ۾ خُدا کي ڏٺو آ
اگهيل آس دل جي صدا کي ڏٺو آ
اسانجي نہ سرحد، اپيچند اسانجو
اسان مُرڪ ميران جي ماڻي ڏٺي آ
اڃا سڪ ۾ سرجن ڪبيرا ٿا ڪيئي
اسان ڪونہ توريو آ پنهنجي وزن کي
هندو يا تہ مسلم جي تارازين ۾
اسانجون اُڏارون ٿيون آڪاش ٻڌجن
وفائن ۾ وهنجي ٿيون وشواس ٻڌجن
اسان پنڌ پنهنجو پُڄايون پيا ٿا
پتڻ، پاڻياريءَ مٽن کان پُڇي ڏس
اڃا آر دل جو اُهو ئي اوجاڳيل
پلي مڇ مانگر گهٽن کان پُڇي ڏس
اسانجي بدن ۾ مهڪ آ مٽيءَ جي
موهن جي دڙي جي پٽن کان پُڇي ڏس
اڃا ساک جو آهي سينو سلامت
اڃي سنڌ جي هن پٽن کان پُڇي ڏس!



www.sindhsalamat.com

## دارا ٿُنهنجو درد وسي ٿو...

روز دليءَ جي ديوارن مان
دارا تنهنجو درد وسي ٿو
ٽيپو ٽيپو رت ٽمي ٿو
روح جي احساسن کي چيري
روز گلين ۾ گهاءُ گُهمي ٿو
ها پر تنهنجي ديس ۾ دارا
اورنگزيب جي ارڏائين جا
ڪوڙا اُگهاڙا عڪس رُلن ٿا
سرمد لئہ ٿي سُور پون ٿا
سرمد جيڪو سچ لڳي ٿو
رات مٿان جڙ مچ لڳي ٿو
سانجهہ بہ اُن جي ساک ڏئي ٿي
گُل ٿي پيٽا باک ڏئي ٿي
سو تہ ربابن جي رُت جهڙو
سُونهن سفر جو راهي آهي
جنهن هر قاتل قهر قصي جي
سازش ساري ڊاهي آهي
ها پر وحشت وک وک ويڙهيل





جنهن ۾ ڪيئي پالا پريل
تيرن سان گڏ تاڙ ڪري ٿي
رهزن ٻڌجي راڙ ڪري ٿي
آس نگرئي اُجاڙ ڪري ٿي
جنهن جي زخمن جي ضربن سان
ڪلي ڪلي ٿي ويئي قتل آ
حق جو گُهٽيل سارو هُل آ
ظُلم جي زنجيرن سان جڪڙيل
تهذيبن ۾ تڙپ متل آ
عشق اڏين تي ڪُسجن ٿا ڪئين
ٻڌجي ايپچند شهر ننگر ۾
روز انڌي انصاف جي گهر ۾
فتوائُن جا ڦٽڪا آهن
ساهن سانديا سُڏڪا آهن
پوءِ پيي ويري وار ڪري ٿو
ڏڙسسيءَ کان ڏار ڪري ٿو
جنهن ۾ آهي رُج رٽن جي
چانوَ چِٽي جڙ وئي آ وٽن جي
تلوارن جي تجلن هيٺان
وقت سجوئي وڍجي ويو آ
بخت بهار کان لُٽجي ويو آ
ڪنهن نہ سُڃاتو سچ جو سينو
دارا جي دردن جو سفينو
جنهن ۾ رُباعيون روز رڙن ٿيون
چيرا ٿي چاتيءَ ۾ چُپن ٿيون

جن ۾ جاڳيل سنڌ صديءَ جو
سپنو ٻڌجي آهي سرجيو
گهاٽ مٿان ٿي گيت آ گرجيو
۽ منهنجي پيي من مقتل مان
روز دليءَ جي دارا سان گڏ
سرمد جهڙو سچ جمي ٿو
ٽيپو ٽيپو رت ٽمي ٿو...

سنڌ سلامت





## درد جو طويل سفر...!

طلاقيل عورتن تي وڏا تبصرا
ڪندڙ هي سماج
اڄ بہ پنهنجي اُگهاڙپ تي
اکيون پوري ڇڏيندو آهي
آسمان تي نظر رکندڙ ماڻهو
پيرن هيٺان ڌرتي وڃائي ويٺو آهي
سُڪل سنڌو نديءَ جي سيرون ٿيل سيني تي
ڪو بہ اسيمبليءَ جو اجلاس

سنڌ سلامت

اکيون کولڻ لاءِ تيار ئي ناهي
ٻمن جي اضافي لاءِ
اڄ بہ بجيٽ ۾ اربين روپين جو اعلان ڪيو ويو آهي
۽ غربت اروڙيءَ* تي اُڇلايل ماني ميڙيندي
ٻڪ جي پنل اکين جي درد جو
طويل سفر تي وئي آهي
جنهن اڳيان ڪنهن بہ
آٿت جو گهر اڏڻ جي ڪوشش ئي نہ ڪئي وئي آهي
پيٽ تي لڳل پونڊي جي نشان ۾ تہ
هر ماڻهو ڏسي پنهنجي مُنهن مُرڪي
تڪڙو هلڻ لڳي ٿو
پر پوءِ بہ پنهنجي اندر ۾ لڪيل وحشتن سان
حياءَ جي جسم تان زوري ڪپڙا لاهڻ جو
ڪردار پيو ادا ڪندو رهي ٿو
ڇو تہ!
هن سور جهڙي سماج جي سَنڌِ ٿيل سياست کي
صرف مُلڪ جي سرحدن جي ضرورت آهي
ماڻهن جي نہ!!

* اروڙي / ڪن ڪچري جو ڍڳ



ڪلا جي ڪائنات ۾ - اياز امر شيخ

## پڱل هڏ وانگي...

اهو عشق جيڪو اکين مان ٿو اُڀري
پرينءَ تائين پُهچي سکين ۾ ٿو نبري

انهيءَ ۾ سڳي سينڌ تائين سُونهين ٿي
نظر ناز ماڻيو نڪارن سان نکري

پڱل هڏ وانگي هينئين ۾ هُري ٿو
ڪٿي پيار تنهنجو ڪو پل پيي ٿو وسري

پُڇايو پتڻ روز دل جي درياهہ جا
اُجي آرزو ڏُک دلي تان ٿي اُڪري

اسان وقت جي هر وفا سان نڀايو
تڏهن درد سيني مان خنجر ٿيو گُذري

پنل آس جا ڳل سُڪا ئي ڪٿي هن!؟
اڄا ساهہ سڪ جو اوهان ڏي پيو سنبري

# پاڻ ٻنهيءَ جا سڏ ٻہ ساڳيا. . . ! ؟

پاڻ ٻنهيءَ جا سڏ ٻہ ساڳيا
چم ۾ ڇُهتيل هڏ ٻہ ساڳيا
ها پر پنهنجي سوچ الڳ آ
جذبو جرئت، لوچ الڳ آ
تو ۾ تون ئي ساهہ کڻين ٿو
مون ۾ سنڌ سڄي ٿي سهڪي
شعلو شعلو باهِہ ٿي پڙڪي
مون ۾ ڪوڙ پڙاڏا گونجن
جن جو رشتو آهي صدين سان
چاچڙ، چوليءَ، تک ندين سان
جن مان ڪيئي راز ملن ٿا
تاريخي آواز ملن ٿا
ءِ مُنهنجي هن من ۾ هڪڙي
مڪلي پيي مدفون ٿيل آ
جنهن جي هر ڪتبي جي اڳيان
روز وطن جا ڪلما پڙهان ٿو





تهذيبن جي تن ۾ ڪُپيل
ٿُرخانن جا تير ڪيڏان ٿو
ٻالن جهڙي هن بستيءَ ۾
زخم زخم تي رت چٽان ٿو
پوءِ پيي ڌرتيءَ ڪاڻ جيئان ٿو
ماضيءَ جو سينو ٻہ سبان ٿو
هوءَ جا ڪالهہ ٻُري هُئي ٻولي
گهر گهر مان ٿي نڪتي گولي
تنهن جو تو آواز ٻُڌو ڪوا؟
طنبوري جي تند منجهاران
نڪتا هاجي سُر سفر تي
تن جي جاڳ اجا پئي جاڳي
هر ڪاراڻ جو منهن پئي راڳي
تون تہ سُمهي پئين ننڊاو نرچا!
توکي غلامي گار وٽي آ
جيت نہ توکي آهي جنميو
تو تہ هميشہ هار ڄڻي آ
مون ۾ جذبا جهرڻن وانگي
روز ولوڙين رت ڦُڙا ٿا
جن مان ڪيئي گيت ڦُٽن ٿا
مياڻيءَ جو ٿي ماڳ ڪُسن ٿا
پوءِ بہ ڌُپي جي دل ۾ ڌڙڪن
اهڙا سچ اسان ۾ سِرجن
هامان جاڻان تو اوڪانئر....!

پاڻ ٻنهيءَ جا ڏينهن تہ ساڳيا
پر جي آزاديءَ لئہ اُڀرن
اهڙا نيڻ ۾ نينهن نہ ساڳيا
گرجي گهاٽ مٿان جي برسن
اهڙا ارڏا مينهن نہ ساڳيا!





## سنڌ جهڙا پرين...!!

سنڌ جهڙا پرين!
ساهہ جي سلسلن جو سفر
ٿو لڳين!
روح جي راڳ ۾
راحتن جو مڌر ڪوئي سُر
ٿو لڳين!
عشق تُنهنجي اکين جو
حسين خواب آ!
مُرڪ تُنهنجي وفا جو
کُليل باب آ!
تون نئين نينهن جي
ڪائناتن جو آن
ڪو ڪنوارو قصو!
هر وضاحت بڻي آهي
تنهنجو حصو!
تون شبِ زندگيءَ جو
شهر ٿو لڳين!
۽ سُڃي سانجهہ ۾
چڻ تہ گهر ٿو لڳين!
هي اُجون مُحبتن جون

مُسافر اڪيون!
تنهنجي ئي پيار ڏي
پنڌ آڻين پيون!
حُسن تنهنجي اڳيان
ڇا انڌيرا اُٿن!؟
جِتّ سجدن ۾ جُهڪيل
سويرا هُجن!
سرمديءَ جو قسم!
رهزني رات ۾ پيي
اُجالو لڳين!
بانوري باک جو
سونهن جي ساک جو
تون لڪيل شاهه جو چڙ
رسالو لڳين!
تُنهنجي هرهڪ ادا جي
اُفق مان اچا
دلبرين جا سوين چنڊ اُڀريو اچن
مهڪندڙ موسمن جو لڳين ٿو بدن
سوچ جون سرحدون
ساريون توتي کُٽن
جيءُ توکي چوان
جند جهڙا پرين!
سنڌ جهڙا پرين...!!






## ڳڳن جي ڳڳهي تي•••

ڳڳن جي ڳڳهي تي
ستارا سبيل هن
چُمي چنڊ پيو ڏس
تہ لهرن لڳن کي
سفينن جا سينا
اچا پيي سفر ۾
جُڳن کان ئي جاري
سُتا ننڊ ناهن
دلي تي بہ ساڳي
وڄي ڏُن پيئي
مگر مَنّ پوءِ پيي
مُئل ئي مُئل آ
طنبوري جي تارن
جيئان چڙ ٽٽل آ
اوجاڳيل اُميدون
ونين جون ورن لئہ
اچا گهر اڪيلا

سِڪن پيا سُکن لئہ
ٿريل چُلھ مان رک
اُڏامي پئي ٿي
نہ ئي سينڌ سُرهي
نہ پيرن ۾ پايل
سڀي چيلھ تي سا
نہ آهي سجايل
سُهاڳڻ جا سهرا
ڏُکن جي ڏڳن تي
وڃائجي ويا هن
رڳو سرد سُڏڪا
صدائون لُڇن ٿيون
درن مان ليئا ٿي
نگاهون لُڇن ٿيون
وچن ۾ ڪي ويڙهيل
وفائون لُڇن ٿيون
پترڻ تي پُڄاءَ جا
اڃا پنڌ پياسا
پُڪارن جا پربت
لتاڙين پيا ٿا
اُهي ڳوٺ ڳالهين
جا ٿي ويا ڳيا هن
ها جن ۾ جيئڻ جا
ڪي جذبا ها جرڪيل
شبابن جا رَس ها





سرورن سان سُرڪيل
اُنهن پاڪُرن جا
پنل پاڳ هاٽي
سُجي سانجھ جهڙا
سوين خواب چاٽي
ميارن جي ماتم
۾ ويا ويڙهجي هن
نئين رات جي هر
سياهيءَ ۾ ٻُڏندي
اُداسيءَ جا ڳوڙها
تي ڳل تان ڳڙيا هن
وڏي تانگھ تڙپي
غمن ۾ گهڙيا هن
ويا سڙهہ ها جيڪي
نہ موٽيا سفر تان
اُپي آس تاٽيو
نهارين ڪپر تان
وياڪل اُهي اڄ
بہ وٽجاريون ڏس!
گهڙي گهاتئُن جان
تڪون ڏئي تريون هن
ملڻ لاءِ اڱتي
نہ پُنتي وريون هن!

## ٻاڙها ٻيروءَ ٻٽ...

تنهنجيءَ چوليءَ چٽ وٽن ٽا،
ٻاڙها ٻيرو ٻٽ وٽن ٽا.

مُحبت جي مئخاني مان اڄ،
مَڏ جا پيئندي مَٽ وٽن ٽا.

خوب خريديم پيار جا سودا،
حُسناڪين جا هَٽ وٽن ٽا.

چاندڀوڪين ۾ چنڊ سان گڏجي،
پنڌ ڪندي سي پَٽ وٽن ٽا.

روح تي پرجيو پرت وچن ٽا،
سُهڻين هٿ جا سَٽ وٽن ٽا.

ڦٽڪي جن ۾ ڦاسي پئجي،
گهورن جا سي گهٽ وٽن ٽا.





## لاڙ تُنهنجي لڱن مان ٿو پائي ليئا

چنڊ تُنهنجي چپن جي چُمي ٿو لڳي،
رات تُنهنجي چڳن جو چٽو عڪس آ
سانجهہ تُنهنجي ڳلن جي ڪا ٻاڙهاڻ آ
لاڙ تُنهنجي لڱن مان ٿو پائي ليئا
قُرب جو سارو ڪاچو آ تو ۾ سٿيل
چاهتن جا سيئي چاڳ تو ۾ چٽيل
مُرڪ جي موهہ جا مَڏ تو ۾ ڇُلن
پيار پنگهٽ جو ڪوئي پتڻ ٿي لڳين
بيخوديءَ ۾ سوين پؤنر پُلجوا اچن
تو ڪلين جي ڪُنوارپ ڪي آهي ڪُٺو

تازگيءَ جو حسين تبصرو ٿي لڳين
وقت واهوندي جان جڻ گُهلي ٿو پئي
عشق جي اُج جو آسرو ٿي لڳين
سُونهن جا سپ ستارا جُهڪي ٿا پون
ٽُنهنجي جلون ۾ جذبن جي جوڀن اڳيان
نينهن جي نرتڪيءَ جا نظارا نچن
آس جا ڪئين پکيئڙا اُڏاميو اچن
تون وفائُن جي اجرڪ ۾ ويڙهيل پرين
سنڌ جي سادگيءَ جو سقل ٿي لڳين
مُحبتن جي مُساڳن جي ئي مهڪ ۾
ها اُميدن جي اک جو ڪجل ٿي لڳين
گيت مُنهنجا سپئي گونج ٻٽجو وڃن
جڻ تہ ڪيٿيءَ مٿان ڪونج ٻٽجو وڃن
چا تہ گهاڙيتو ٽُنهنجو! غزل ٿي لڳين
سڪ جا سپ سڳا توڙي ڇڪجن پيا
نظم ڪيئي نوان تو تي لکجن پيا
روح جي تون رليءَ تي چٽيل چاهہ سان
پرت وانگي پريل، دل جو گهر ٿي لڳين
حسرتن جا هينئيان توتي هر ڪيو پون
ناز نڪريو نگاهن مان اُپريو اچن
پيار ئي پيار جو بس پهر ٿي لڳين
شُهرتن جو ڪوماٽيل شهر ٿي لڳين.




ڪلا جي ڪائنات ۾ - اياز امر شيخ

## ڪلهہ جي قتل ٿيل ڳالهہ...!!

ڊٺل پُراڻي قبر جي وساميل ڏيئي جو منظر
اُداس اکين جي مرثيي جهڙو لڳي رهيو آهي
جنهن جي لاءِ جڻ تہ سالن کان وٺي
دُعا جا هٿ ئي نہ کڄيا آهن
هر ثواب جو سفر
گُناهن جي گهيري ۾ اچي ويو آهي
مفادن جي جنگ ۾
ماڻهو مُحبتون ۾ ماڻهپو


www.sindhsalamat.com

وڄائي وينا آهن
جن کي ڪنهن به تارازيءَ ۾ تورڻ جي
ڪا به ضرورت ناهي
درگاهن جي درن تي سوالين جون صدائون به
مُجاورن جي منهن ۾ نهاري
نماڻيون ٿي ويون آهن
مهانگن تالن ۽ زنجيرن سان ٻڌل
چندي جي قيمتي پيٽيءَ کي
پئسن سان پرڻ لاءِ خليفه هرهر زور سان
ٺُڪائي رهيا آهن
مطلب جي مُرڪ کي
ڪوبه مارڻ لاءِ تيار ئي ناهي
مندر ۾ رکيل ڀڳوان کي جاڳائڻ لاءِ
پنڊت صدين کان وٺي
گهنڊ وڄائيندو رهي ٿو
جنهن جي آواز تي پاڙي وارن گهرن جون عورتون
ننڊ مان اُٿي پنهنجن ٻارن لاءِ ناشتو تيار ڪرڻ لڳن ٿيون
۽ آئون....!
هاڪر جي درتان اُڇلايل اخبار پڙهڻ لڳان ٿو
جنهن مان ڪلهه جي قتل ٿيل
ڪيترين ئي ڳالهين جو رت
ٽمندي نظر اچي ٿو..!!






## سڏ ڪڏهن پيي سُمهندا ناهن...!!

سڏ ڪڏهن پيي سُمهندا ناهن!
اڃ ته اُڏاريون گيت گگن ۾،
پنڇيءَ وانگر پرڙا ساهي،
آزاديءَ جا سهرا ڳائي،
اُن مقتل کي مات ڏيون ڪا،
جنهن جي ديوارن تي سچ جا،
ريٽا ڪيئي رت رڱيل هن،
تن تي هاڻي بارش ٻڄي،
ٻاکُن جهڙي ٻوند وسايون،
للڪارن جي لهرن سان گڏ،
گاج جيئان گجگاٽ ڪري اچ،
ارڏا ڪئين احساس اُجاري،
چوراهن تي چنڊ اُپاريون،
رُسوائين ڏي رولين ٿيون جي،

سي سپ رهزن راتيون رُئاڙيون،
ڪاڪ ڪنڌيءَ تان قاتل رُت جا،
ڳرب قصا سپ مُرڪي ماريون،
سنڌوءَ جي هن سور سفر ۾،
سُڏڪن جا جي سڏ پريل هن،
بستي بستي ٻُک پاڳُر ۾،
سُک جا سارا سٽ سڙيل هن،
تن جا سهڪيل سڏّ ورائي،
سينو سينو سنڌ ٻڻائي،
چاهہ چپن تي چاڳ اُپاريون،
برسي بن تي پاٻگ اُپاريون،
او سنياسي ڏرتيءَ واسي!
پاڻ ٻنهيءَ کي ٻگٽ ڳچيءَ ۾،
پائڻ لاءِ ڦٽڪي ڦاسي،
پوءَ بہ اجا لاشن جان لٽڪي،
زخمن جي زندان ۾ گهُٽجي،
روز مرون ۽ روز جيئون ٿا،
زرد حياتيءَ زهر پيئون ٿا،
اهڙي جيئڻ کان جاڳ پلي آ،
اورانگهي هر آڳ هلي آ،
تيز لُکن ۾ تپيل تن جا،
لڱ ڪڏهن پي لُچندا ناهن!
سڏّ ڪڏهن پي سُمهندا ناهن...!







## منهنجو من مڪلي...

مُنهنجو من ڇڻ،
مڪلي آهي!
جنهن ۾ اُجڙيل احساسن جون
اڏيل ڪيئي قبرون آهن
جن جي هڪ پي
ڳتبي تي ڪو۔
نانءُ نہ آهي نينهن لکيل!
مونجهارن ۽
مايوسين سان
مُنهنجو آ هر ڏينهن ڏنگيل!
روز لُڇن ٿا
مون ۾ لاشا!
تڙپيو تڙپي دل جي آشا،
صدين کان
ويران پيل ڪو!
آءُ پٿر جو شهر لڳان ٿو!
پيڙاء جو هر پهر لڳان ٿو!!.

## رولاڪ روح جي اُداسين ۾...

يتيم نيڻن جا خواب ٽي ويا، نہ ساپيان جو ڪو ڏس پتو آ،
قضا جو من تي ڪفن آ ويڙهيل، نگاهہ ۾ سوڳن جو سلسلو آ.

پُڪار ۾ جا پُڇاءَ آ جاڳيل، اُڏار تن جي اُپن جي اک ڏي،
اُجاڙ رُت آ اجا اوجاڳيل، نہ پيار جو ڪٿ ڪو پرجهلو آ.

ستم جو سيني ۾ سمنڊ ڇُلڪي، هزارين ڏُک ٿا اندر ۾ دڏڪن،
اسان صبر جي ٿي سنڌ مُٺاسين، سُکن جو ساڙيو ويو قافلو آ.

اسانجي چاهت جا چيٿ سارا، ڪُفر جي ڪاهن چڏيا لتاڙي،
زمين دل جي ڏُڏي وئي آ، انهيءَ ڪان وڏ ٻيو ڇا زلزلو آ!

خُمار سارا ٿي خون ويا هن، چپن کي ساري چُميون روئن ٿيون،
بدن بدن جي بهار پيليل، خطا خوشيءَ ڪان ٿيو حوصلو آ.

اياز ڪيڏا انڌيرا آهن، رولاڪ روح جي اُداسين ۾،
اُهائي گُهٽ آ غمن جي گهاٽي، اجا تہ ساڳيو ئي فاصلو آ.

❁





## سُڃن جي سرد سانجهہ ۾...!!

اجا تہ پيا لتاڙ جن!
وفا جا قافلا سوين،
وڏن پيا چير چهڪ سان،
فنا جا فاصلا سوين!
اُداس عشق جون اکيون،
لُڇن ٿيون لاش لاش ٿي،
رڙيو آ روح رُڃ ۾،
خوشي نہ ڪا بہ راس ٿي،
اجا هينئين ۾ پيو هُري،
زخم ڪو درد جو ڪُتل،
اسانجي پاڳ جا سپئي،
صُبح ڪُنوارا ٿيا قتل!
نہ ڪنهن بہ چنڊ کي چُمڻ،
جون حسرتون حلال هن،
مڙهيل اسان تي موت جا،
ذليل ڪئين زوال هن!
سڙن پيا سُور سُور ٿي،
نکار سپ نڈال هن،
اُميد ڇا اُپار جي!؟
ڪُنا ويا ڪلال هن!

اجا تہ رهزنيون اُهي،
ئي راهہ ۾ رُلن پيون،
ڳليءَ ڳليءَ جي ڳاٽ تي،
خنجر ڪٽي هلن پيون!
اجا تہ باک جا ڪتي!؟
سُڪائي نيڻ هن پرين!؟
گُلاب گهاوَ پيا سهن،
ڪليءَ ڪليءَ جو ڪرب جي،
آ ٽياس تي ٽنگيل بدن!
اسانجي آس جو اُجون-
ئي مارجي ويو آ من،
اجا تہ جسم مان پيا،
ٽا رت جا ڦُڙا ٽمن!
تڏهن بہ پيل جو اهو،
نہ بند آ ٿيو پچن،
سُڄن جي سرد سانجهہ ۾.....!!
ڇڻون پيا زرد زرد ٿي،
ڪري خزان سان ڪو وچن،
اسانکي ويڙهي وقت ڏس-
ويو آ ماٺ جو ڪفن!
اسان مٽيءَ ۾ پورجڻ،
ڪان ئي هُجون اڳي دفن،
اسانجو چڻ نہ ڪو وطن...!!

❀





## صدا جا سڏڪا اجا سفر ۾!

رُتن ۾ رڙيون، رباب ناهن،
اُگهاڙيون راتيون عذاب آهن
ڪلي ڪلي ڪئي قتل وئي آ
غمن ۾ سارا گُلاب آهن
سُڪن جا سينا سڙن پيا ٿا
شهيد ٿيا ڪئين شباب آهن
زماني جي هر ذليل حرڪت
ڪُنا حُسن جا ئي خواب آهن
بهار جو پيي بدن آ پيليل
سماج سُورن جو آهي سٽيل
خوشين جا چهرا خزان لتاڙيا
سوين اُميدن جا گهر اُجاڙيا
ضعيف سوچن جي سرحدن تي...!
نہ پيار جي ڪا پُڇاءَ ملي ٿي
مُئل مزاجن جي مُحبتن ۾
نہ مُرڪ جي ڪا ادا ڪلي ٿي
صدا جا سُڏڪا اجا سفر ۾

رُڃن جا راهي وڃن پيا ٻڏبا
اجا وفائُن جا لاش ڪيسين
خفا ٿي خوفن مان روز ڪٽبا!؟
سوال سُڄ جو ڪُٺوئي ناهي
اُپن ڏي آهون پيون اُڏامن
زمين جي پٺي زبان سهڪي
بدن ٿو پالن ۾ روز اٽڪي
غليظ ڪيڏا غُبار آهن
دلين جي دڳ تي ڏُڪار آهن
اکين جا آنچل اُهي ئي آلا
نہ نينهن ٻڌجي سگهيا نرالا
سُکن لئہ ڪيڏا صُبح سڪيا هن
لُڪون لتاڙي ليئا لُڇيا هن
لچاري لوڏن جي لهر تي پيي
تضادي خنجر تڪا ٿيا هن
جلادي جاڳيل جنود* آهي
وڍيل سمورو وجود آهي
ڦُڙو ڦُڙو رت وهي رڳن مان
زخم زخم پيو چڪجي امن مان
خيال خوني ڪُٺا نہ آهن
اُجاڙ سپنن جي سينڌ آهي
اجا انڌيرا ٽُٽا نہ آهن
ثواب ڳُل تي ڦُٽا نہ آهن!

* جنود = فوجي لشڪر



www.sindhsalamat.com

ڪلا جي ڪائنات ۾ - اياز امر شيخ

## سڀڱيءَ جو سڏُ...

سوچ جي سمنڊ ۾
سار ڀيڙيءَ جيئان
پيار جي هر پتڻ کي پُڪاري پئي!
نيڻ نينڊون ڪيو
ڏس نهاري پئي
نينهن جو ناڪئو
لوچ لهرن سان ڪيڏو
لُڇي آ لڙيو!
وقت جي ويرسان
واءُ ٻڌجي وڙهيو!
سِڪ جي سمنڊ کي



www.sindhsalamat.com

چاھ جي چنڊ ڪي
سڏ تنهنجي سڳيءَ جو
آ ويڙهي ويو!
قُرب جي ڪاڪ ڏي
روح ريڙهي ويو!
من سارو سپيءَ وانگي سهڪي پيو
عشق جي اُڃ اُجهائڻ لئہ تڙپي پيو!
پيار پيڙيءَ اندر
اڃ تہ گڏجي هلون
مُرڪ جي مڏ جا
ٿهڪ ماٽي ٿلون!
سور جي هن سفر ڪي سُمهاري پرين!
موت جي هر نظر ڪي بہ ماري پرين!
سار پيڙيءَ اندر اڃ تہ گڏجي هلون!
پيار پيڙيءَ اندر اڃ تہ گڏجي هلون!





## وقت ڪيڏو نہ واهيات ٿي آويو...!!

وقت ڪيڏو نہ واهيات ٿي آ ويو
سُونهن ساڙي سڄي رات ٿي آ ويو

ساک جي ڪابہ سانجهي نہ سُرهاڻ ٿي
باک بارود ڪيڏي آ پيلي چڏي
ساٿ جا سلسلا سرد ٿيندا وڃن
دلبرين جا هينئيان درد ٿيندا وڃن
عشق آوارگيءَ جو لڳي آسمان
پيار جا پل سيئي زرد ٿيندا وڃن

## اُگھاڙو سچ...

ندي ۽ ۾ وهنجندڙ
نينگري ۽ جي جسم کي
سچ جي اُگھاڙي نظر
ڪُليل اخبار جيئان پڙهي ورتو آهي
۽ پاڻ بي ڏياني ۽ جي اوٽ ڏنل اڪيلائي ۽ ۾
لڱن کي مُشڪ جيئان مهٽي رهي آهي!
هوائن جا هٿ
سندس سيني جي سنڌو ۽ کي ڇُهي
ڇُڙواڳين سان ڇُلي رهيا آهن.
آسمان بہ بدن جي هر بناوٽ کي
آيتن جهڙو عشق ارپي رهيو آهي
۽ هن بي سُڌ
حُسن جي هُٻڪاءُ ۾ ويڙهيل نينگري
اچانڪ ڇولين جي تيز ڇُلڪن تي
ڇرڪ ڀريندي
پاڻ کي سڄو پاڻيءَ ۾ لڪائي ڇڏيو آهہ
اُگھاڙي سچ جي عياش نظر کان بچڻ لاءِ...!!






## سنڌ اُهائي ساڳي آ...!!

هيءَ سنڌ اُهائي ساڳي آ،
ڪردار نوان ڪئين ٿي پيا هن،
بي ظرف، ضميرن کي وڪڻي،
غدار نوان ڪئين ٿي پيا هن!
هر سانجهہ ٽنگيل آ سوريءَ تي،
۽ من جي آهي مهڪ مُئل!
هت پيار پهر ۽ پنهنجائپ،
هر روز پئي ڏڪجي دوريءَ ڏي،
ها ڪهڙي ڪهڙي ڳالهہ ڪجي!
ڇا دل جو ويهي حال ڪجي!؟
آزاد اکين جي خوابن کي،
پي ماريو ويو آ مقتل ۾،
جنهن پار ڏسون سڀ ساڳيا هن،

ڪو فرق نہ آهي قاتل ۾،
هن ڪوس نگر ۾ ڪات هٿان،
ٿا ڪيئي ڪپيا ڪنڌ وڃن،
هر جيجل جهريل جذبي تان،
ٿا لڙڪن جا ڪئين لاش ڪرن،
هن پاڳن جهڙي بستيءَ ۾،
هيءَ ڪهڙي آهي ويل وري،
پيو درد لتاڙي دلين کي،
ڪا ساعت ناهي سُونهن پري،
هر روز دلالن ديرن تي،
ٿا ننگا ننگا ناچ ٿين،
۽ واڪ هلن ٿا واڪ وڏي!
هت روز فحاشي فخر منجهان،
پئي گاهڪ گاهڪ کي تہ سڏي،
هيءَ نگريءَ ڪهڙي نگري آ،
جت عظمت جا آثار نہ ڪي،
جت مُحبت جا مينار نہ ڪي،
جت ساڙيا ٿا منشور وڃن،
۽ ڪُوڙ هٿان منصور ڪُسن،
ٿا سهڪيو سيني سور پون،
پر جاڳ نہ ڪائي جاڳي آ!
هيءَ سنڌ اُهائي ساڳي آ...!!!






## اجا نہ غيرت گُلاب ٿي آ...!!

صديءَ جا سُڏڪا پُراڻا ڪَتبا
نديءَ جي نيٽن ۾ ڪُوڙ اُڏما
وساميل هن ڏيئا وفا جا
اُجارا چپ هن اجا صدا جا
حقيقتن جا هُڳاءُ سارا
ڪنورتا جي اُجاڙ اُس ۾
ڏُڪار وانگي ڏُکن ڏنگيا هن
عذاب جهڙين اُداسين مان
سڪون دل جا لُڇي لنگهيا هن
پُراڻي پٿرن جي چاتين تان
ٻهي چترڪاري وئي آ چٽ جي
وجود ڪان ويو وصال وچڙي
گُهلي اهڙي هت هوا آ لٽ جي
رُڳو پئي رسوائي بس رُلي ٿي

نہ گيت گونجيا گهرن ۾ آهن
حنا حُسن آ وڃائي ويٺي
نہ ساهہ جاڳيا سُرن ۾ آهن
نہ پير ۾ چير جو آهي چمڪو
نڪن ۾ ڦُلڙين جو ناهي چمڪو
اُساٽ جي هن اڪيلتا ۾
رهيو آ روح ڪي سدائين اُلڪو
ڪٿي ڪُٺل آ خوشيءَ جي خوشبوءِ
ڪٿي اُميدن جي اُڀّ مان پي
چڪور چاهہ جا چٽيا ويا هن
ڪٿي ضميرن تي زنگ چڙهيل
ڪٿي ڪي ڳڀرو لٽيا ويا هن
دُعا لئہ هٿ پي ڪجهي ٽڪي پيا
ڳجهن هٿان من پٽيا ويا هن
اجا نہ غيرت گُلاب تي آ...!
ڳلا غمن سان گُهٽيا ويا هن
منافقين ڪي نہ موت آيو
قدم قدم تي قضا اُپي آ
جُڳن ڪان جيءَ بس جلي جليو آ
صداقتن تي سزا اُپي آ
هتي تہ انصاف جي اکين مان
اجا اُونداهي ڪُٽي نہ آهي
لڇن ڪي جيڪي ويهن ٿا وڪٽي
اُنهن ۾ سنڌ جي متي نہ آهي.





## دل جو ڪعبو...

دل جي ڪعبي مٿان
پيار جون آيتون
هر پهر ٿيون لهن
من مسجد اندر
نينهن نروار ٿي ٿا نمازون پڙهن
سُونهن سجدي جو آهي
سفر ٿي وئي
مهڪ موتئي گُلابن جو
گهر ٿي وئي
عشق ٻٽيو عبادت جي آهي اذان
هر گليءَ گهاٽ ۾
شهر ۽ واٽ ۾
ذڪر تُنهنجي ذيارت جو
ناهي گهٽيو
مُک تان جي ذرو پيي آ
پردو هٽيو
چنڊ تارا ڪٽيون
لرزجيو ٿا لُڇن

سوچ جي ڌُنڌ ۾ تا
وساميو وڃن
ٿيڙو حيرت منجهان
ٽڪ ٻڌيو ڏسن
حسرتن جي هُڳاڻُن سان تا هر ڪڇن
هر صبح تي آ تُنهنجي
حُسن جو ڪرم
سانجهڙيون سينڌ تُنهنجي سندوري لڳن
قُرب تنهنجي ڪتائُن جا
ڪلما پڙهن
توسان ملندي پهر پاڪ ٻڻجو وڃن
ياڪُرن ۾ جڏهن پيي تا پرجڻ لڳن
بهشت جهڙا بدن
دورين جي ڏنل دوزخن جا سوين
درد گهٽجو پون
مُحبتن جا هينئان
حُسن ٻڻجو وڃن
ڳالهڙيون ڳهرجي ٽيو ڳلن سان ملن
دل جي تاريخ تي
لفظ ڪيئي وفائُن سان لکجو وڃن
روح جي رحل تي
سُونهن جون صورتون ورق واريو کُلن
دل جي ڪعبي مٿان
پيار جون آيتون هر پهر ٽيون لهن...!!!

❀





# زندگيءَ جي آس

چنڊ ۾ زندگي ڳوليندڙ شخص
ستارن جو ساٿ وڃائي ويٺو آ
۽ آئون اڄ بہ
موهن دڙي جي پُرندڙ پٽن ۾
اُن ناچڻيءَ جي گُهنگرن جي دٻجي ويل
گيتن جي گونج کي ماڻڻ لاءِ
موهن پڳت جهڙا آواز آلاپيندو رهندو آهيان
اُداسيون تنهائين جي تاريخ ٻڌجي
هر روز هڪ نئون ورق لکڻ لاءِ واجهائي رهيون آهن
سماج جي سيني مان خوبصورتيءَ جي خوشبوءِ
پرواز ڪري پري هلي وئي آهي
روڊ تي پنندڙ ننگي نينگر کي
لاڙ جهڙي لاوارثي نصيب ٿي وئي آهي
صديءَ جيڏو سڏڪو
اکين مان ڳوڙهن جي ڳالهه ٻڌجي ڳلن تان ڳڙي پيو آهي
نفرتن جا نيڻ سمهڻ لاءِ تہ سوچين ئي نٿا
پر چنڊ ۾ زندگيءَ ڳوليندڙ شخص کي
آخر ڪهڙي خبر تہ...
چنڊ نديءَ جي نيٽن سان نينهن جو ناتو
ازل کان وٺي جوڙي ڇڏيو آهي
جيڪو هر رات پاڻيءَ ۾ پنهنجو عڪس پڇائي
لهرن سان پيو لڳ گسائيندو رهندو آهي
زندگيءَ جي آس کي اڪيلائپ جي اونداهيءَ کان بچائڻ جي لاءِ!!

## بارش ۾ پنل گُل جو بدن...

ڪنهن ڪُنواري پيار جو پهريون وچن،
جڻ تہ بارش ۾ پنل گُل جو بدن.

عشق جي احساس جون سڀ آڱريون،
ويڙهجو وچڙيل وفائُن سان ملن.

روح تي ريشم جيئان ڪئين راحتون،
پاڱُرن ۾ پاڱُ ٿيو پرجو وچن.

مُحبتن جي هن مُسافر رات ۾،
سُونهن جا ڪيئي صُبح اُپريو اچن.

ساهہ ۾ جاڳي ڏسڻ سان تشنگي!
اڄ چپن تان چو نہ چُميون سُرڪجن..!؟

هر ڊگهي ديوار کي ڊاهي پرين!
اڄ تہ ماڻيون چاهتون چنبڙي ٻکن.

❀



www.sindhsalamat.com



## منهنجا سپنا سنڌ اٿئي...!

تون ڇا مونکي ماري سگهندين!؟
مُنهنجا سپنا سنڌ اٿئي،
گَهلي گهاٽ مٿي جي آنڌئي،
سي سڀ مُنهنجا ڪنڌ اٿئي!

ڇا تہ ٽنگيندين ٽياسن تي تون!؟
ڌرتيءَ جي هن آڪاسن کي،
سُور بہ جن کان سُڏڪيو سهڪن،
تن ارڏن جي ايمانن کي–

زنجيرن سان زرد ڪندين ڇا!؟
گهاٽن ۾ پل گهيرائي ڏس،
مخدومن جان مُرڪي ملبو،



www.sindhsalamat.com

پيرن ڪان ئي پيڙائي ڏس!

تحريُرن ۾ تڙپ اُٿي آ،
گهوڙن جي ٽاپولين وانگي،
مُنهنجا نغما نعرا بڻجي،
چال هڻن ٽا چولين وانگي.

تُنهنجي وس ۾ رَت جا ريلا،
روز وهائين ٿورستن تي،
مُنهنجون سوچون سنڌوءَ ڌارا،
ڪونہ ٿيون رُڪجن ڪنهن ٻي ڪُن تي.

آزاديءَ جي جهنڊي ڪي ڏس!
روز هوائُون چُمنديون آهن،
ويساهہ جا ڪئين ورد وچائي،
خوب وفائُون جُهڪنديون آهن.

هوءَ جا جهيٽي لاٽ ٻري پئي،
روز جهڳيءَ مان جهاتيون پائي،
رهٽي هت ڪا، رات نہ آهي،
گيت اُجالن جا پئي ڳائي.





## هر حُسن آ اڏيءَ تي...!!

آزاد تون هوا سان
او سُونهن جا سنيها
آخر ڪڏهن تہ ايندين!؟
سنڌ جا اُداس سپنا
بي موت تي مرن پيا
هر باک جي اکين ۾
لُڙڪن جي لهر آهي
چاهت اندر چُپيون هن
خاموشيون خنجر تي
خوشبوءِ ڪتوري چاٽي
هر گل جي پنکڙيءَ تي
زخمن جي زرد موسم
غم ساڻ گهر اڏيو آ
۽ تڙپ جو تسلسل
تاريخ نئين لکي پيو
ڏس درد سان دڳن تي
اڄ رَت ڪو ڇَٽي پيو
سيني مان سُور جو جڇ
سُنبو سِڌو مَٿي پيو
هر حُسن آ اڏيءَ تي
قاتل پيو ماس ڪوري

سچ پيو سڙي هڏيءَ تي
هت پيار جا پيغمبر
فتوي هٿان پيا ڦُرجن
مذهب جي آڙ ۾ ڏس
انسان پيا ٿا ڪُسجن
تهذيب پئي تي تڙپي
پوءِ يي ثقافتن لئہ
جاڳيا ثواب ناهن
بندش جي بيرخين سان
وڏيا نقاب آهن
ڪٿ يي سلامتيءَ جو
سهرو نہ سِر تي آهي
ٿوهر اُهو اُجارو
بارش نہ ٽر تي آهي
اُج ۾ ڪندي سُڪل آ
ڳيرن جي ڳالهڙين ۾
گيتن جي گونج ناهي
ساڳي سا پاپيهن جي
بولين ۾ ٻهڪ ناهي
ڪونيٽ پتن کي پاڪُر
پائي روئُن روزانو
ديبل جي دؤر جهڙا
منظر مري ويا هن
هر رات روپا ماڙي
ويرانين جي وندر





ٻڄي پُري رهي آ
مڪليءَ جان ماٺ آهي
ڪٿ يي پڙاڏو ناهي
سُنسان سانجهيون سڀ
ويري پيو وار ٿاهي
هت چاهہ ۾ چپن جي
چانڊاڻ جي بدن کي
بي خوف ذلتن جي
نظرن چڏيو آ گهائي
ساري امن جون اکيون
رَت ساڻ ئي رڱيل هن
معصوم مُحبتن کي
ملندو رهيو ڪفن آ
هر ديس دلبريءَ جو
ٿيندو رهيو دفن آ
هت ظلم جي زهر سان
هر ساهہ سرد ٿيو آ
جوڀن جي جنتن جو
چهرو ٽي زرد ويو آ
اي سُونهن جي صبا تون...
هاڻي هلي هلي آ!
اڄ ڏس اُداسين ۾
سنڌ جي گلي گلي آ!

❀

## ستارن جا سُڏڪا...

ستارن جا سُڏ ڪا نہ سمجهي سگهياسين!
ڀنل رات جي بي رُخيءَ ۾ اڪيلا
ٽڳي ٽڙپ جي تلخين ۾ مُئاسين
ورهين ڪان وساميل ڏيئي جان رهياسين.!

وڻن جي بدن تان ڇڻيل ٻُور وانگي
سُڪئي ساهہ ۾ ڄڻ سبيل سُور وانگي
ڪڏهن قُرب جي ڪاڪ مُرڪي نہ ماڻي
رُڄن ۾ رڙيو روح بي نُور وانگي
دُکي درد سگريٽ وانگي سڙياسين
ورهين ڪان وساميل ڏيئي جان رهياسين!

ڦڳڻ جي ڦُلن جان ٽڙيا ڪونہ آهيون
خوشين ڪيت ٻڻجي ڪڙيا ڪونہ آهيون
پراڻين مزارن جي ڳتبن جيئان بس
ٽٽل ٿهڪ دل جا، جُڙيا ڪونہ آهيون
وڇوڙن جي واٽن تي وکري وياسين
ورهين ڪان وساميل ڏيئي جان رهياسين!







رهيون پاڪرن ۾ پَريل بيقراريون
اکين ۾ اُڀيون هن اجا انتظاريون
ڇُپيون ڪوڙ ڇٽرون ڏئي ڇهڪ تازا
اسان وقت جون ڪوڙ طنزون وساريون
تنهائين جي تاريخ ٻڻجي لُڇياسين
ورهين ڪان وساميل ڏيئي جان رهياسين!

وفائُن جا لاشا ويا بي ڪفن ٿي
انڌيرن جي بازار ۾ بي وطن ٿي
سوين راحتن جا ڀِڃي رشتا رُنا هن
نہ پرچي سگهيا پيار جو ڪو وچن ٿي
ٻگلن تان ٻڱڙيل لُڙڪ وانگي لڙياسين
ورهين ڪان وساميل ڏيئي جان رهياسين!

نہ من ۾ ڪي مُحبت جا نغما نچيا هن
مُئل حسرتن جا هينئيان تڙپيا هن
قتل عشق جا سارا احساس ٿيا هن
لڱن ۾ ڪنڊا ٻاٻري ڄڻ ٽنبيا هن
اُداسين جي ئي الميں ۾ ٻڏاسين
ورهين ڪان وساميل ڏيئي جان رهياسين!

❀

## نہ تقدير جاڳي...!!

ٻري ديپ دل جا وسامي ويا هن،
هينئيان حسرتن جا بہ ڪامي ويا هن!

پهر پيار جي تازگيءَ جا بہ تڙپي،
سُڪي پّن – چڻ جان اُڏامي ويا هن!

نہ تقدير جاڳي نہ جاڳيا سي ماڻهو،
صدين کان قبولي غلامي ويا هن!

رُڳو ترس جن تي اسانکي ئي آيو
وڏا هاڻ ٿي سي حرامي ويا هن!

اُميدن جي آڪاس جا سپ ستارا،
جُهڪي سُونهن کي ڏئي سلامي ويا هن!

وڏا پروسا قوم جن تي ڪيا ها،
اُهي واڪ سستي وڪامي ويا هن!

❁





## ڪُتل دل جي ڪليسا...

ڳلن جي ڳوٺ تي ڳوڙها ڪُهاڙي ڳاٺ اوچي سان،
چُپين چٽنگون اکين ۾ ٿيون اُماڙي ڳاٺ اوچي سان.

ڪُتل دل جي ڪليسا جا قصا ڪهڙا وهي لکجن،
رڳو سُڏڪا پيا ٻُڌجن نہ تاڙي ڳاٺ اوچي سان.

سوين هن آس جي اُپ مان ستارا ساٺ جا وڪريا،
اُجي ارمان جي ارٿي وئي ساڙي ڳاٺ اوچي سان.

نہ ساڳي ڊوڙ ڊيلن ۾ نہ مورن ۾ اُها مستي،
رُڳو ماري پيو مُرڪي نہ آڙي ڳاٺ اوچي سان.

شهادت جا شرف ماڻي سُتا جي سنڌ ڌرتيءَ تي،
اُهي سچ جا پيغمبر ٿيا اڳاڙي ڳاٺ اوچي سان.

چلرَ چٽ ۾ مُهاٽيءَ من نہ واسيو آ ورهيہ گُذريا
نہ ساڳيو دور درياهہ جو نہ لاڙي ڳاٺ اوچي سان.

❁

## درياهہ جي دؤر جا ماڻهو...!!

درياهہ جي دؤر جا ماڻهو
هيٺئين جي هور جا ماڻهو

فنا فاقا ڪشيءَ ۾ تي
ٻُڪن جا برّ تي ويا هن
سُڪل سنڌوءَ جي سيني جان
غمن جا گهّر تي ويا هن

پترڻ ناهي چُميو پاڻي
اُڏن واريءَ دڙا ڏُک جا
نہ موريو ڪانهہ ڪنڌيءَ تي ڪو
سفينا ويا سڙي سُک جا

چپن تي چنگ ها چُريا
وڏا ميلا متا ها جِت
۽ جذبن ۾ جنت جهڙا
حسين جوبن رتا ها جِت

ڪنگڻ ڪيئي ڪلائين ۾
چڙهيا ها چاهتون ميڙي
ڪُليل ڪئين چاڳ مان چوٽا
وفائُون ها سُتا ويڙهي





اُهي احساس آگم تي
رچن ڪي ٽا روئن ساريو
ڳيي جي ڳالهہ ۾ ڳيچي
سوبن سُڏڪا ويهن هاريو

چڙهي وئي چانوَ آ نم جي
نہ ميندي ڪا ڦُلاري آ
چڳن ۾ چيڙهہ آ چُهتيل
مُساڳن مهڪ ماري آ

نہ ڪا پيي سينڌ آ سُرهي
نہ ڪو ويلو جلي جوتي
چتيون چولن لڳيون ڪيئي
نہ ڏيءَ جي سِر مٿي پوتي

سُڪن جون ساعتون ساري
سيارا تي ويا آهن
چُهيو جن ڪي نہ چولين سي
ڪنارا تي ويا آهن

تڪن جي طور جا ماڻهو
درياهہ جي دؤر جا ماڻهو...!!

❀

## ٻانهن ۾ خاموشي آهي...!!

ديس سڄو ئي درد ويو آ،
شهرن ۾ خاموشي آهي.
ڳوٺ ڳلين کان ڳهر اُڏاڻي،
ڇهرن ۾ خاموشي آهي.
سانجهه کي ساڙي رات رڙهي آ،
پهرن ۾ خاموشي آهي.
وقت ڏيئي جان آهه وساميل،
ڏهرن ۾ خاموشي آهي.
ڪابه طنبوري تار نه جاڳي،





سُرن ۾ خاموشي آهي.
گُهنگرو ٻڌجي گيت نه سگهيا،
رقصن ۾ خاموشي آهي.
پکين جو پيي پنڌ مُئل آ،
نهرن ۾ خاموشي آهي.
آزادي ڪيئن اُپري آخر!؟
قومن ۾ خاموشي آهي.
رُسوائين جو روڳ ٻڌيا هن،
سجدن ۾ خاموشي آهي.
ڪهڙي ڳالهه تان ڳوڙهو اُگهجي؟
رشتن ۾ خاموشي آهي!
سچ جا نيڻ سُتل هن اڄ پي،
راهُن ۾ خاموشي آهي.
ڪونه چڳن جا چاڳ چُمياسين،
ٻانهُن ۾ خاموشي آهي.
سينن ۾ ڪئين سُور سٽيل هن،
ساهن ۾ خاموشي آهي.
تيزابن جان تڙپيل تن جي،
آهُن ۾ خاموشي آهي.
مُحبت من ۾ مهڪ نه مُرڪي،
هر گُل ۾ خاموشي آهي.
ڪونه حياءَ جي حُسن ۾ رڱيو،
آنچل ۾ خاموشي آهي.
زيارت جي ڪا ناهي ذري تي،

پل پل ۾ خاموشي آهي.
عشق اُداسيءَ جو اُپ ٻڌيو
هر دل ۾ خاموشي آهي.
نيڻن ڪيڏا نير وهايا،
ڳل ڳل ۾ خاموشي آهي.
روز رُتن مان رت ٿمي ٿو
هر پل ۾ خاموشي آهي.
هر ڪويل جي ڪوڪ ڪُٺل آ،
وڻ وڻ ۾ خاموشي آهي.
چيلهہ نہ گهاگهر ساڻ گڏي آ،
چُڻ پُڻ ۾ خاموشي آهي.
نينهن نہ نکريا نينديون ٻڌجي،
نبرڻ ۾ خاموشي آهي.
اُڃ جي آس اُجاڙيو اهڙو،
روح رڻ ۾ خاموشي آهي.
سُڏڪن جا ڪئين سوڳ اسان وٽ،
خوابن ۾ خاموشي آهي.
خيالن ۾ خاموشي آهي!
خنجر سان پيو گهاءَ رسائي،
ٽُڪرن ۾ پيو ٿهڪ ورهائي!
قاتل ۾ خاموشي ناهي-
عادل ۾ خاموشي آهي...!





## اُداسيءَ جو آسمان

چپن جي ڌرتيءَ کان
چُمين جا گُلاب ڪسجي رهيا آهن
جوڀن، عياشيءَ جي اکين جو
اُگهاڙو خواب ٿي ويو آهي!
حياءَ جي جسم تان لباس
پاڻ ئي لهڻ شروع ٿي ويا آهن!

وقت پنهنجو هر قدم
واحياتپڻي ڏي وڌائي رهيو آ
آخر ڪهڙي وفا جي وجود کي ڳولجي!
بيوفائيءَ جي بدبوءِ
هر گهٽيءَ کي گهيري ڇڏيو آ!
رات جي سيني ۾ کُتل
خاموشيءَ جي خنجر
هر صُبح جي چهري تي رَت جو راڳو ڏئي
بهارن جي بدن کي بارود سان پيلي ڇڏيو آهي
پر پوءِ بہ الائي ڇو:
اقوامِ متحده جي امن پرست اک مان
ڪوبہ ڳوڙهو ڳڙي،
سوڳ جو سفر طئي ڪندي نظر ئي نٿو اچي!
۽ ويتر وحشتون نئين پاليسيءَ سان
نوان برقعا پائي پکڙجي رهيون آهن
جن جي منزل بہ فقط ماڻهوءَ
کي ئي مارڻ تائين کُٽي ٿي!
۽ پيار ۾ پناهہ ونندڙ هر انسان
اُداسيءَ جو آسمان بڻجي
اڪيلو ئي رهجي ويو آهي
هر صُبح جي اکين ۾
امن جو احساس ڳوليندي ڳوليندي
۽ هن دؤر جي دردن کان
دلين کي پري ڪندي ڪندي..!!





## سجاول کي پيتا...

جڏهن سُونهن تُنهنجي
سجاول ڏسان ٿو
ٺٽي جي ڳلين جي وچي ڳهر گُم ٿيو
دفن دائرا ڪئين
ٿين سوچ جا ٽا
سچي سنڌ جي اپسرائُن کان اڳتي
لهر لوڏ تُنهنجيءَ ۾
جرڪي ٿو جوڀن

لُڇي لوچ ٻڏجي
ليئا پائي تن من
سوين ساهہ ڏسندي سُڪائي ڇڏين ٿو
نظر سان نظر جي ملائي ڇڏين ٿو
پيو عشق ٽُنهنجي
ادائُن مان اُپري
جُهڪي سَر ّ توکي
سلامي ڏين ٿا
دليون دلبرين جي دُڪانن تي وڪڻي
وفائون ٿي در جي
غُلامي ڏين ٿا
جڏهن سيندَ تُنهنجي ٻُڏي سانجهہ ۾ ٿي
گلين جي سفر تي
حُسن هارجن ٿا
ڪجل، واس واٽن کي
واسي ڇڏين ٿا
جڏهن پدمڻيون پير سوري هلن ٿيون
مَڌر ساز آواز ڇيرون وڄن ٿيون
نڪن جي ڦُلين مان
اُٽن تيز تجلا
ڪنگڻ پيي ڪلائين  سان
ڪُنوارا لڳن ٿا
نچن ڇيلهہ تي ناچ چوٽين جا نکري
اچا چنڊ ڪيئي چُميءَ پيٺ جهڙا
ڪلڻ ۾ ڪٿوري، سرنهن چيٺ جهڙا


www.sindhsalamat.com

ڪلا جي ڪائنات ۾ - اياز امر شيخ

ڪئين قُرب جون
ميڙيو نڪرن ڪٿائُون
ڇُهن جسم پورا
اُجايل هوائون
سپئي ناز انداز ريشم حوالا
نزاڪت نديءَ مان سي وهنتل نرالا
ڏسڻ ساڻ جن تي
هينئيان هرڪجن  ٿا
سرورن جا رَس
ساهہ ۾ سُرڪجن ٿا
اُهي آيتن جي اکين جهڙا اُجرا
گُلابن جهڙا گيت وينا لکائي
ڏيڻ پيئا لئہ بيت ڇڏيم وڇائي
مُساڳن جهڙيون مُحبتون تو ۾ مهڪن
شبابن جا پريل
شهر تو ۾ جاڳن
پرينءَ پيار جهڙا
پهر تو ۾ جاڳن
سجاول! مان تُنهنجي اکين ۾ رهان ٿو
سوين سُونهن جا خواب مُرڪي چُمان ٿو...!


www.sindhsalamat.com

## لُڙڪن جا لاش...!!

لُڙڪن جا لاش ٻڌجي، سپنا مري رهيا هن،
تڙپي اُداسين ۾، جذبا مري رهيا هن.

هن ديس جي دڳن، تي ڪيڏا تہ درد آهن،
ياڪُر نہ ياڳ ٻٽيا، چرچا مري رهيا هن.

رستن جي ڌوڙ ميڙي، رولاڪين جي رک تي،
ڏس آس جا اُجايل، اُلڪا مري رهيا هن.

مسجد جي ممبرن تي، واعظ حراس ۾ هن،
ٻہ سان نماز ۾ ڪئين، سجدا مري رهيا هن.

ڪو پيو دُعا جو ڏيئو ناهي گُلاب ٻٽيو
قبرون اُجاڙ ٿيون هن، ڪتبا مري رهيا هن.

بيخوف دل جي ڌڙڪن، هر ويل آ قتل تي،
محبوب جي ڳلين ۾، سُڏڪا مري رهيا هن.



ڪلا جي ڪائنات ۾ - اياز امر شيخ

## بهشت ڪان وڌ پاڳُر...!!

عشق نہ ايئن اُجاڙي ڇڏبو
درد جي اُپ ڪي ڦاڙي ڇڏبو.

گُلڙن ڪي جا گهاءَ رسائي،
اُن پن - ڇڻ ڪي ساڙي ڇڏبو.

تحريرُن ۾ تُنهنجي سُونهن ڪي،
چٽساليءَ جيئن چاڙهي ڇڏبو.

بهشت ڪان وڌ پاڳُر تُنهنجا،
سِر قدمن ۾ لاڙي ڇڏبو.

سِڪ جي سُرهي سانجهيءَ ڪي پڻ،
ساهن منجهہ سلهاڙي ڇڏبو.

چنڊ تي چٽرون جو بہ ڪري تنهن،
تاري ڪي ئي اُڪاڙي ڇڏبو.

وحشت ڪي نہ وڌائي جيئن ڪو،
وقت سجو ئي واڙي ڇڏبو.

# پڇاڻ جي ٻگهي پن ڇڻ...!

آئون توکي ماڻھ جو فن ڄاڻان ٿو
پر پيار کي پئسن جي پاند ۾ ٻڌڻ نٿو چاهيان
ڪجھ لمحن جي لاءِ
حوس جي بستري تي حُسن جي هُٻڪاءَ کي چاٽي
هميشه لاءِ
توهين جي تارازيءَ ۾ تُرڻ نٿو چاهيان
مُنهنجا احساس
اڄ به عشق جي اوجاڳيل اکين جيئان
وفا جا وعدا نڀائي رهيا آهن
پر تو وٽ الئه ڇو!؟
مُنهنجي مُحبت جو معيار
بي مُلھ ٿي مري رهيو آهي
آئون پوءِ به اُنهيءَ سڪ جي سڳي کي چنڻ نٿو چاهيان
جنهن کي هر عورت نڪ جي ٿوپڄڻ کان وٺي
ڪُهنبي ويس ۾ ويڙهجڻ جا طريقا
تلاش ڪندي رهندي آهي
مون توکي هميشه پيار جي اک سان پڙهيو آهي
پر تو هر وار مُنهنجي آس جي ڪتاب کي
فنا جي هٿن سان ڦاڙي
وفا جي ورق ورق کي
وڇوڙي جي واٽن تي وکيري ڇڏيو آهي
هڪ پُڇاڻ جي ٻگهي پن ڇڻ ڏيئي...!!

❁



www.sindhsalamat.com



# اُميد جي آوارگي...!!

سڪ صديءَ جو سڏ ٻڌجي آ وئي
ڄڻ پڳل ڪو هڏ ٻڌجي آ وئي
مان لڳان ٿو قُرب جي تازي قبر
مون مٿان هوءَ اڏ ٻڌجي آ وئي
سڪ صديءَ جو سڏ ٻڌجي آ وئي

وقت پاتو آ وڇوڙي جو وڳو
دورين جي ڏوڙ ۾ دل پئي لُڇي
سار جي ڳل تان سُڪو ڳوڙهو نه آ
زهر سان پريل زخم روح ۾ لڳو
وقت پاتو آ وڇوڙي جو وڳو

درد ڏيئي ڇهڪ من ۾ ٿو چُڀي
روز ڏاٿن جهڙي هن ڏيهه ۾ پرين
پروسن جي پيل آ ٽيندي رهي
هر خوشيءَ جو خواب لوپي پيو لُبي
درد ڏيئي ڇهڪ من ۾ ٿو چُڀي

نينهن کان وسري وئي ڄڻ نيند آ
ڪا سڳي ناهي سُڳنڌ جي سحر ۾
چاهه جون چاندوڪيون چُپ چاپ هن
پيار پوٺن کان رُسي وئي سيند آ
نينهن کان وسري وئي ڄڻ نيند آ



www.sindhsalamat.com

سانجهہ جي سُونهن جو سفر بي ستّ آ
ڳوٺ ڳالهين جا رُسي ويا رات ٿي
ءِ اُداسي پئي رُلي هر پهر ۾
واٽ تي هاريل وفا جو رَتّ آ
سانجهہ جي سُونهن جو سفر بي ستّ آ

حسرتن جا هانءَ ٽڪجي هن پيا
بي رُخين جي بور لاشن کي ڪٽي
تڙپ جا تن ۾ طنبورا ٿا وڄن
سُر ڪوهياريءَ جان قصا سُڏڪي اُٿيا
حسرتن جا هانءَ ٽڪجي هن پيا

تو بنا ڪو مان صليبن جو سفر
ساهہ جا چڪجو سڳا ٽٽيو پون
روز ٽُڪرن ۾ ورهائجي ٿو وڃان
ڪير ميڙي ناهي مُنهنجو ڪوہ گهر!
تو بنا ڪو مان صليبن جو سفر

مان اُميدن جي اُجي آوارگيءَ
روز ڳوليندو رهان ٿو پاڻ کي
چڻ وڃائجي آ وطن مونکان ويو
سُڃ ۾ سڙندي رهي ٿي زندگي
مان اُميدن جي اُجي آواراگي.

❁



www.sindhsalamat.com



## لاوارث ڳوِتا...

هيءَ لاوارث ڪنهنجي ڳوِتا
جنهن جي جسم تي ڪپڙا ناهن
جيڪا ننگو ناچ ڪري پئي
شهر سڄي جي بازارن ۾
روز اُگهاڙن آوازن سان
فنڪارن جي وات مان نڪري
گهر گهٽيءَ ۾ ڪاهي پئي آ
سارا ڪپڙا لاهي پئي آ
سا ماحول کي ڏاري پئي ٿي
ڏس تہ فحاشيءَ جي ڦنڊي ۾
معصوميت کي ماري پئي ٿي
ڪُليل وئشيا ڪردارن جان
پنهنجو گهيرو ٺاهي پئي ٿي
حُسن حوس جي هٿ ۾ ڏيئي
روز حياءَ کي ڊاهي پئي ٿي
جنهن جي سِرّ تي پوتي ناهي
جاڳيل جيءَ ۾ جوتي ناهي
بيشرمائيءَ جي پاڳُر ۾
هُن جا لڱ اُگهاڙا آهن
چرڪي ڪُتا اُن تي باهين
پوءَ پيي اُن تي جهل ئي ناهي
شرم چڏي چڻ نڪتي آهي
آخر ڪيسين تائين هلندي
هيءَ لاوارث ننگي ڳوِتا
جنهن آ ماري سُونهن جي سيتا!

نوٽ: اُگهاڙي ولگر شاعريءَ تي لکيل.



www.sindhsalamat.com

# پنل دل جي دُنيا...!!

اڙي وقت تُنهنجي وکن کي ڏٺوسين
درياهہ جي بہ دڏڪن تکن کي ڏٺوسين
نہ هاڻي سا لُڙ ۾ ڪا لرزش رهي آ
رُتن ۾ رُڳو سوڪ سازش رهي آ
گُلن تي اجا گهاءَ ساڳيا صدين کان
پٿن جي بدن تي نہ بارش پئي آ
گُناهن ۾ سارو گگن ويو ٻُڏي آ
ڌماڪن سان دل جو وطن ويو لُڏي آ
رهيو مذهبن ۾ نہ ساڳيو مزو آ
ڪُنا گنبزن ۾ ڪبُوتر ويا هن
لُڇي درد ٻڻجي تہ اندر پيا هن
مينارن سان هاڻي نہ ڪويل ڪُڏي ٿي
سنجها جا ستارا سڄي رات روُئندي
پکين جي پرن ۾ وڃائجي ويا هن
صُبح جي سفر تي اُٿيو سج ناهي
سُڪل هن مٽيءَ مان ڦُٽو ٻج ناهي
تسلسُل جي تاريخ ماري وئي آ
سڄي ساک سچ جي اُجاڙي وئي آ
رُلن روز رستن تي سُڏڪن جا پيرا
پيل جهول ۾ ڪي وڌيل جسم ٻيرا
زخم زندگيءَ کي ضعيفي ڏني آ
نہ ماڻي سگهيا منزلن کي نبيرا






اڃا ڪورٽن جي ڪٽهڙي ۾ قاتل
رهائيءَ جي راهُن جا پيو راڳ ڳائي
وڪيلن وياجن تي وڪڻي ڇڏيو آ
ها! قانون جي هر قلم جي قصي کي
رڳو ماٺ مظلوم جي مُفلسيءَ تي
نہ انصاف مليو ڪو حق جي حصي کي
پنل دل جي دنيا ڏي جانچي جي ڏسندين
سڄو سُونهن جو سينو ئي ساڙيو ويو آ
اُميدن جي گهر کي اُکاڙيو ويو آ
پئي ڇڪجي پيرن هيٺان روز ڌرتي
وسيلن کي وک وک تي واڙيو ويو آ
تضادن جي جڌهن اڇي تڙپ ماريو
اسان دوستن جي اکين ڏي نهاريو
مگر حوصلن جي هٿيلي هوا کي
غُلاميءَ گسن تي نہ ڳِسڪڻ ڏنوسين
نہ ئي ڪنهن دغا جي ڏُٻڻ ۾ دٻياسين
سدا سچّ جي سرحدن ڏي وڌياسين
وفائن جا جهنڊا هٿن ۾ کنياسين
وطن لاءِ ڏنڊا هٿن ۾ کنياسين
اُٿي جرئتن سان جمالا ڇياسين
پٿائي، سچل جا رسالا چُمياسين
گجي انقلابن سان نعرا هنياسين
تڏهن سنڌ ٻڻجي سفر ۾ مُئاسين...

## ٻُڌو آ سڄي حادثو ٿي وئي آ...!!

پرهه جي پکين جي اُڏارن کي چئجو!
وڃو ٿا وڃي بس ڪنارن کي چئجو
اسان نينهن جي ناوَ تاري اچون پيا
لهر جان لڳن کي اُڀاري اچون پيا
پرينءَ جي پُڄاءَ ۾ پُڪارن کي چئجو!
وڃون ٿا وڃي بس ڪنارن کي چئجو!!

ٻُڌو آ سڄي رات سُڏڪا پري ٿي
اوجاڳن جي اک ۾ ڏيئو ٿي ٻري ٿي
چڳن جي وراڪن ۾ ويڙهي وفا کي
سُمهڻ کو نہ پل کو آ ڏيندي دُعا کي
درن جي وٿين مان ليئا ويني پائي
ڏوراپا ڏئي هر صُبح کي ستائي
ٻُڌو آ تہ ماندي ملڻ لئہ مري ٿي
اُنهيءَ عشق جي انتظارن کي چئجو!
وڃو ٿا وڃي بس ڪنارن کي چئجو!!

ٻُڌو آ اسُر جو اُداسيءَ جي ولهه ۾
پنل ماڪ جهڙا اٿس لُڙڪ هُل ۾
سڄي ڳوٺ جي ڳالهين ۾ رهي ٿي
ستم جا سوين سمنڊ ڇُلڪي سهي ٿي
پتڻ تي بہ پيرا پُڄائي ٿڪي آ
وجهي منهن چُنيءَ ۾ ويڳاڻي لڪي آ





ٻُڌو آ نہ خوشبوءِ اٿس ساڳي ڪل ۾
اُنهيءَ بيقراريءَ جي سارن کي چئجو!
وڃو ٿا وڃي بس ڪنارن کي چئجو!!

ٻُڌو آ درياهہ کي سُڪائون ڏئي ٿي
سوين سڪ جا ڳوڙها اندر ۾ پئي ٿي
اُپي آس ساڳي اچا ٿس اکين ۾
اڪيلي اڪيلي آ لڳندي سکين ۾
نہ ئي وار ڳُنڊيل، سجايل سڳي آ
ڏکن ۾ ڏري تڙپ ٻڄي تڳي آ
ٻُڌو آ رُڳو بس ڏسڻ لئہ جيئي ٿي
اُنهيءَ ساهہ جهڙن سهارن کي چئجو!
وڃو ٿا وڃي بس ڪنارن کي چئجو!!

ٻُڌو آ سڄي حادثو ٿي وئي آ
غمن جي گهٽيءَ جو حصو ٿي وئي آ
هوائُن کي ڏيندي سنيها رهي ٿي
پراڻين مزارن جيئان پئي ٻهي ٿي
ٻُڌو آ تہ جوڀن ۾ ٿي زرد آهي
ڊسمبر جيئان ٿي وئي سرد آهي
مئل مُرڪ جو سلسلو ٿي وئي آ
اُنهيءَ مُحبتن جي مينارن کي چئجو!
وڃو ٿا وڃي بس ڪنارن کي چئجو!!

# صدين ڪان ئي صليب تي...!!

مٽيءَ جي مهڪ جو قسم
سُڪو نه دل جو آ زخم
اجا گُلاب پيا ڪُسن
اکين جي آسمان جا
هزارين خواب پيا ڪُسن
لُڇي رڙين جي رات ۾
رُڳو شباب پيا ڪُسن
وفا جي ورق ورق جا
ڪئين ڪتاب پيا ڪُسن
غمن جي گهاٽ تي چڙهي
سوين ثواب پيا ڪُسن
تڏهن به جاڳ جو وطن
اُٿيو نه آهي عشق تي
سڪون سُرخ سنڌ جا
کُليل فضا ۾ ٿا ڪجن
اسانجي هن نصيب جو
سدائين ماس آ پٽيو
قهر جي ڪارين ڳجهن
صدين ڪان ئي صليب تي
ٽنگيل اسانجو آ بدن
اسان اُداس ديس جي
دُعا جو درد ٿا لڳون
ويا جي وقت ڪان اڳي





ضعيف زرد ٿا لڳون
سدائين پنهنجو پاڻ ۾
هُجون ئي جڻ ٿيل دفن
اسانجي همتن اندر
نه غيرتن آ گهر اڏيو
تڏهن ته مُحبتن ڏڪي
اسانکي پاڻ مان ڇڏيو
اسان وڍيل وجود جي
نه پيار جا حصا چُميا
نه ئي نٿن جي نينهن جا
ڪُنوارا ڪي قصا چُميا
اسانجون رهبريون سڀئي
رُجن جا راز ٿي ويون
صُبح جي سڏ ڪان اڳي
ٽُٽل ڪو ساز ٿي ويون
نه جنهن ۾ ڪوپي چاهه آ
نه سُرّ آ، نه ساهه آ
اسانجي پاڳ تان لٿي
نه رات ڪا سياهه آ
اسان نه ماٽي مُرڪ سان
ڪا زندگيءَ جي لاٽ آ
ڇَون پيا پري گهٽي
اجا خوشيءَ جي واٽ آ!

❁

## انقلاب جو آواز...

ڊسمبر جي ڏوڙ
جنوريءَ کي جوان ڪري ڇڏيو آهي
ثقافتي لباس جون لهرون
لولين ۾ ٻولين سان ٻُري رهيو آهن
ٽوپيءَ ۾ ٽاڪيل ٽڪن جا تجلا
جون جي سج جي نيشن جيئان
سامراجي اکين سان اٽڪي جُرئت جي جنگ
وڙهي رهيا آهن
هر اک مان اجرڪ جهڙو عشق
سچائيءَ جو سينو تاڻي ظاهر ٿي رهيو آهي
ايئن پيو لڳي،





ڄڻ تہ هي سڀ ماڻهو هوشوءَ جي ڪا هانوَ
ڏاريندڙ هڪل ٿا لڳن
يا روپلي جي تلوار جو ڪو تيز تجلو
جنهن کي هر رُڪاوٽ روڪڻ کان اڳ ئي
رات ٿي ويندي آهي
يا اُن دودي جو دليراڻو دليل لڳي رهيا آهن
جنهن اڳيان ڪوبہ سامراجي سڏ
خِلجين جي خيال ۾ ويڙهجي
اچڻ جي اُميد ئي نہ رکندو هُجي
ها! اڄ اهڙين ارڏائين سان
احساسن جي اوچائين کي چمندڙ
انقلاب جا آواز
سنڌ جو قومي ترانو بڻجي
گلين ۾ غيرتن جي گيتن سان گُونجي رهيا آهن
تهذيبن جي وارثيءَ جا واعظ ڪندي
۽ هر غلاميءَ کي غليظ گار سمجهي
هن ڊسمبر جي ڏوڙ سان گڏ
جنوريءَ جي جوان جذبن ۾
آزاديءَ جي صُبح جي اکين کي چُمڻ لاءِ
ڪيڏا نہ چاڳ
۽ چاڳ سان جهومي رهيا آهن
ثقافت جي سنڌ بڻجي
سُجاڳيءَ جون سرحدون سنڀاليندي...!

## هاءِ! ٻتيلن ٻاڳ اُجهاٽا...!!

سج سُتو ۽ سانجهه لڪي وئي
سنڌوءَ سان گڏ سِنڌ سُڪي وئي

ڪٿ پيو چوليءَ چُلڪو ناهي
ڏوڙ اُڏامي روز درياهه مان
هاءِ! ٻتيلن ٻاڳ اُجهاٽا
ڪيت خوشين جا ساٽا ساٽا
ڪالهه جواني جر تي جهومي
اڄ سا سهندي سُور جُهڪي وئي
سنڌوءَ سان گڏ سِنڌ سُڪي وئي

دهشت پريا جنهن جا ڏڏڪا
لُڙ جون لهرون ڪُن جا ڪڙڪا
ڏارائن سان دل ٿي ڏڙڪي
من مُهاڻن چلر چِٽيا ٿي
اڄ تہ پلو چاڙ پاڻي ناهي
سوڪ ڪنارن تي آ ٿڪي وئي
سنڌوءَ سان گڏ سِنڌ سُڪي وئي





ڏس تہ ڪنڌيءَ تان سُڪل ڪنٻيءَ مان
ڪيڏو درد ڇٽيو آ اُڃ جو
واريءَ تي واچوڙا وڪرن
ساٿ مليو آ اهڙو سُڃ جو
سالن کان ڪا سَٽيل سازش
ٻُڪ جي ٻر ڏي نيٺ ڏڪي وئي
سنڌوءَ سان گڏ سِنڌ سُڪي وئي

تُرخانن جا تِير سَنا تو
خِلجين تُنهنجو خون وهايو
تاتارين جي تلخ رُتن مان
ترندي سُونهن کي ساهه ڏنو تو
اڄ تون اکڙين کان چو اوجهل!؟
ويساهه ـ گهاتين ساڻ وڪي وئي
سنڌوءَ سان گڏ سِنڌ سُڪي وئي

حال سنڌوءَ جا سُڏڪا ٻُڌندي
تيڙن روئندي ٽهڪ وڃايا
چانڊوڪيون ۽ چيٽ مري ويا
ڪلندي ڪلندي ڪيت مري ويا
پوءِ پيو اُپ ۾ آگم ناهي
لُڇندي پُڇندي رات ڪٽي وئي
سنڌوءَ سان گڏ سنڌ سُڪي وئي!

❀

## روح اُبڙيل رلي ... !!

چا تہ چوليون هٽي چاتڙي پئي چُلي
عشق جي آڳ ۾ جهاتڙي پئي جلي

گُل جوين تڙيو ٻاٽ ويا ٻُهرجي
ٻيچ سان ٻوٽ ۾ ٻالهڙي پئي هُلي

چنبڊ لئہ چاهتن جا ڪٽي خواب ڪئين
رول رستن مٿي راتڙي پئي رُلي

روح اُبڙيل رليءَ وانگي ٿي آ پيو
پيار سيبو ٿي اچ آسڙي پئي اُلهي

ويل اهڙو وهائي چڙيو وقت آ
هر قلم قيد آ ڪاتڙي پئي ڪلي

گيت گجرا نہ وارن ۾ ويڙهي سگهيا
مُرڪ کي هر هنڌان ماتڙي پئي ملي!


www.sindhsalamat.com

ڪلا جي ڪائنات ۾ - اياز امر شيخ

## درياھ، دهشت، ٻوٽ، ٻليون

اڙي ٻوٽ تُنهنجي ٻلين کي چڙيوسين
سبيل سنڌ جهڙين رلين کي چڙيوسين
جڏهن پاڳ جا پيل پؤنرا ٿيا ڪئين
نہ گُل ٿي سگهيون تن ڪلين کي چڙيوسين
رُتن جا رهيا روح رُئندا رڻن ۾
دُکن جي دٻن تي دلين کي چڙيوسين
اڙي ٻوٽ تُنهنجي ٻهر جو قسم آ
جڏهن لهر تُنهنجي لڳن کي هو لوڙيو
۽ درياھ بہ دڪي اُٿيو دهشتن سان
سچو وقت وڃڻ لڳو وحشتن سان
سڪي سانجهہ سُڏڪي اُداسيءَ جي اڪ ۾
لڙي زندگيءَ جي ٻلن تان پيو ٻوڙهو
سڙي سارين جي سُڳنڌ جا سويرا
ٻنين جي ٻکن کان وڃائجي ويا هن
نہ ئي لوڏ لاهيارين جي لڳن جي
پگهر ۾ پُسي پيار پوکي سگهي آ
مٽيءَ جي گهرن ۾ نہ مُرڪون ٿيون مهڪن
ڏنارن جي ڌُن ۾ نہ سينڊون ٿيون سِرجن
چڙا چاڳ چنگ پيي ٿيا چُور آهن
اُميدون عذابن جي آوارگيءَ ۾
صدين جي صدائُن جو ٿيون سور آهن
نگاهُون نگاهن کان ٿيون دور آهن
پهر پُلصراطن جي رولاڪين ۾


www.sindhsalamat.com

لُڇي تڙپ جي تلخين ۾ تڳيا ها
نہ جاڳيو خُدائيءَ جو ڪو خيال من ۾
پُرڻ مذهبن جا ڪئين بُت لڳاها
اذانن جا آواز گُم ٿي ويا ها
سفر سارا سجدن جا وڪري ويا ها
لڳا گهنڊ وڄڻ ها گُمانن جي گهر ۾
فرق ڪونہ ڪٿ پيو هو مسجد مندر ۾
سڄو ديس ٻُڪ جي بدن ۾ پنل هو
خوشيءَ جو وطن وڪ وڪ تي ڪُنل هو
ڪڪوريل ڪٿائون ويون ڪرب ٻڌجي
اٿيا سڄ سياست جا ڪئين رب ٻڌجي
مفادن جي منزل ڪي ماڻڻ جي لاءِ
وري ماس ماڻهن جو ڪائڻ جي لاءِ
مگر ماٺ جي موسمن ڪان پري ٿي
اسان مفلسيءَ جي اکين ۾ ڏٺو هو
تڳيل طلب ۾ بس اجهوءِ اٿو هو
جنين سُور سيني ۾ سهڪي سنو هو
اُنهن جي سُڪن جي سُڃين ساعتن جو
هينئين جي حُسن جي ڊٺل حالتن جو
نہ ڪنهن پيو ازالو ڪيو آٿتن سان
زخم زهر ٻڌجي چڳيو نفرتن سان
ڏٺاسين ايمانن جا لاشا لڪن ۾
نہ انسانيت ۾ ڪو احساس جاڳيو
اُهو بيضميريءَ جو بنواس ساڳيو
جيئڻ جي جهانن ۾ جهاڳي رهيو هو





وسامي چڪو چاهتن جو ڏيئو هو
اسان بيوسيءَ جي برن مان ڏٺو هو
سوين دوستيءَ جا ستارا لڪيل ها
سُڃاڻپ جي سُڌ ڪان ڪئين ڪنڌ جُهڪيل ها
ڇڄي ساٿ سُڏڪي اُٿيا سلسلن جا
وڏا گهاوءَ غم سان مليا فاصلن جا
مُئل مُحبتن جي مزاجن جا مرثيا
اسان گونج سان گڏ گگن ۾ چڙيا هن
سُتل سرڪشيءَ جي مزارن تي مُرڪي
اسان ٻُزدلين تي ٻُجا پيو رکيا هن
مگر پوءِ بہ ساڳي روش رهزنيءَ جي
رواجن جي رُت ۾ رهي ٿي رهي آ
اسان لُڙڪ ٻڌجي وجائي وهي آ
اوجاڳن جي جاڳي اڱڻ تي اڪيلا
اُٿي ڳوٺ ٺُهنجي ڳلين ڪي ٿا ساريون
سوين ڪيت من ۾ ڪتوريءَ جا پوکي
پريو نينهن نيڻن ۾ توڏي نهاريون
اڇن ياد ٿيون عشق جون ڪئين ادائون
سنڌوءَ سينڌ سان جت لڏيون لاڙ لائون
اڙي ڳوٺ ٺُهنجي اُها سانجهہ ساڳي
پرينءَ جي سڳيءَ جان رکي ساهہ ۾ آ
اجا چنڊ ٻڌجي رهي چاهہ ۾ آ...!!

❀

نوٽ: 2010 ۾ آيل مها ٻوڏ تي لکيل نظم

## وجي دودي جي شهپرن کي ٻڌايو...!!

گلين کي ٻُڌايو دلين کي ٻُڌايو
هوائُن سان گڏجي ڪلين کي ٻُڌايو
قتل سُونهن جي سينڌ ٿيندي رهي آ
چڳُن کي چُمي ۽ سڳين کي ٻُڌايو
هتي درد ۾ ڪئين دفن دلبريون ٿيون
اُتي عاشقيءَ جي اکين کي ٻُڌايو
رواجن جي رُت ۾ پريل رهزني آ
وفائُن جي وک تي سکين کي ٻُڌايو
اسُر جون هتي انتظاريون مُئل هن
ڪئين قُرب جون ڪائناتون ڪُٺل هن
پرهه جا پهر رات ٻڌجي ويا هن
ڦهر جو اُپو ڪات ٻڌجي ويا هن
دلاسن جي دنيا جو زنگيل زمانو
اجا دوزخن جي دڳن تي پيل آ
ٻڌيل سچ آ سختين جو نشانو
سوين سادگيون روز سڙنديون رهن ٿيون





پُسيل پيار جي پنکڙين کان پُڇي ڏس
ٻُلن تان ڪي ڳالهيون ٻه ٻُڙنديون رهن ٿيون
اُداسين جي احساس کي پيي اچي ڏس
هتي خواهشن جي هينئين ۾ هميشه
انائُن جا اٽڪٽ خنجر ئي کُپن ٿا
عذابن جي اونداهين ۾ ته اڪثر
سوين ساهه سُڏڪي لڳن ۾ لُڇن ٿا
ڏٽن کي ٻُڌايو رٽن کي ٻُڌايو
پکين تائين پُهچي وٽن کي ٻُڌايو
گُمانن ۾ هاٽي رهڻ رُج ٿيندو
وڏا سڏ ٻڌجي گهٽن کي ٻُڌايو
وهي وقت پيو تڙپ جي تک سان ئي
ڪلا ڪوٺ جا سپ قصا پيي چون ٿا
اجا دؤر ديبل تي ساڳيو سُتل آ
نه پاڻيءَ جي پنڌ ۾ سي ٻيڙيءَ جون ٻانهون
نه اجرڪ ۾ ويڙهيل سي سنڌ جون نگاهون
اجا شاهبندر جي شامن مٿان ڏس
لٿو سُرخ موسم جو ماتم نه آهي
سڄي تن جي تاريخ رَت سان رڱيل آ
مگر وارثيءَ جو وساميل وطن آ
ريٻارين جون راتيون ڏُکن جي ڍهر ۾
لُڪن ڏس ته ڪيڏيون لُوساٽي چڏيون هن
چون ٿا ته دنيا وڏي ترقي ڪئي آ...!!
مگر ڪولهين جي جُهريل ڏس جُهڳين مان

اجا ٻُک پائي ليئا ويٺي هر هر
رُلن روز رستن سان رشتا نڀايو
ننگا ٻار ڪيئي مُئل مفلسيءَ جا
رهيا روح رولاڪين جي ئي رڻ ۾
لُٽيا خواب ويا هن سپئي زندگيءَ جا
هتي ڪوڙ اُجڙيل ڪٿائُن جا ڳَٽبا
حياتيءَ جي بُت ساڻ چُهٽيل رهن ٿا
حُسن جي حدن مان لنگهيل حادثا سڀ
بهارن جي پيليل بدن جان لڳن ٿا
اُٿي ظلم جي هر زندان کي ٻُڏايو
وري حوصلن جي هٿن کي چُميون ڏئي
سُجاڳيءَ جو نئون سج اُڀرڻ لڳو آ
وڏي وحشتن ڏي وڏي ويڙهه آهي
طنبورن سان گڏجي سُرن کي ٻُڏايو
هلي آس ۾ آسرن کي ٻُڏايو
اسان سرد لاشن جي للڪار آهيون
گلي مان جهلي بي گُرن کي ٻُڏايو
اسان گونج سان هر گگن کي ٿا گهايون
دلالن جي کُليل درن کي ٻُڏايو
غلاميءَ جي ساري نسل کي نپوڙي
جمالا ٿي جاڳي ترن کي ٻُڏايو
وري سنڌ تلوار ۾ ٿي تکي آ!!
وڃي دودي جي شهپرن کي ٻُڏايو....!!!


www.sindhsalamat.com



# سنگيت ناٽڪ

## آزادي

**ڪردار:**
(1) شاعر
(2) آزادي
(3) ڌرتي
(4) پيتائي


www.sindhsalamat.com

# آزادي

پردو کڄي ٿو۔ آڪاس ۾ چنڊ پنهنجي مست جوڀن سان چاندبوڪيءَ جو نُور وٽن، وستين ۽ ڌرتيءَ تي وسائي رهيو آهي، ۽ شاعر رات جي رولاڪ رستن تي رُلندي، ڌرتيءَ جي ڏُکن ۽ اُن جي هيسيل هارين تي غُربت جي غُم جا پهاڙ ڪرندا ڏسي، آزاديءَ کي ايلاز ڪندي لُڇندي، پنهنجي آزاد پُر جوش جذبن جي آواز سان پُڪارڻ ٿو لڳي!

(شاعر، چؤطرف نظر ڊوڙائي ۽
آزاد چنڊ ڏي نهاري چوڻ ٿو لڳي)

شاعر:

اي آزادي! تون آهين ڪٿي؟
مان روز رُلان ٿو راهُن ۾،
تون ڇو نہ اچين ٿي ٻانُهن ۾!؟
هت روز سويرا سُڏڪن ٿا،
۽ خوشين ڪارڻ تڙپن ٿا۔
تون ڪهڙي پار هلي وئي آن!؟

مان باغي ٻڌجي بستي بستي،
توکي ڳوليان پيو هر وستي.
شامن جي تون رنگن جهڙا،
روپ نکاري هاڻ هلي آ!
ويسارن جا ويچا ماري،
موج ۾ تي مهراڻ هلي آ!





تولهٔ سنڌ جو ساهہ سِڪي ٿو
ليئا پائي روز لُڇي ٿو۔
تو سان ڪيئي آشائون هن،
جن جو ڪوئي ڇيد نہ آهي!

(شاعر ٿڌو ساهہ ڀري آزاديءَ
سان نينهن ۽ نياءُ جو رشتو بيان
ڪرڻ ٿو لڳي)

شاعر:

آزادي! مون تُنهنجا نغما،
گليءَ گليءَ ۾ ڳاتا آهن.
هر ڳڀروءَ جي ڳالهين سان مون،
تُنهنجا جوڙيا ناتا آهن.
تُنهنجا پير چُمڻ جي لاءِ،
تي پيا جذبا آتا آهن.
ايڏي دوري! ڇو تہ اسان کان؟
هاڻ هلي آ! هاڻ هلي آ!
زرد غلاميءَ زنجيرن جا،
طوق ڳچيءَ مان ڀاري لاهي،
سنڌوءَ لهرن جيئن لهرائي،
گيت اسان سان گڏجي ڳاءِ!
نينهن اچي تون توڙ نڀاءِ!!

(آزادي پنهنجي جذباتي آواز ۾
انڪاري لهجي ۾، مايوسين ۽
رُسوائين جا ڏوراپا ڏيندي،
آگمي احساسن ذريعي شاعر

سان مُخاطب ٿئي ٿي)

آزادي:

ڪالهہ بہ مونکي ماريو ويو هو،
چوراهن تي رُوئاڙيو ويو هوا!
مُفتين جا ڪئين ميڙ ويهاري،
فتوائن جا فائل کولي،
گهاٽن ۾ پيڙايو ويو هوا!
رُسوائين جي راتين اندر،
ڦاهين تي ڦٽڪايو ويو هوا!
ڪالهہ بہ مُنهنجا هوشو هيمون،
دودا، درياهہ خان ڳُنا ها!
ڪالهہ بہ منهنجن سينن ڪيئي،
سنگينن جا سُور سَنا ها!
ڪالهہ بہ مُنهنجي نياڻين جا هِت،
چولا لِيڙون لِيڙون ٿيا ها!
ڪالهہ بہ تنهنجيءَ نگريءَ ۾ـ
تُرخان هُئا، غدار هُئا!
جن ويل وهايو وحشت سان ـ
۽ زوري ٿيا سردار هُئا!
تن تاتارين جا تُخم اجا،
پيا روز وهائين رَت نديون!
ان ظُلم سِتم، زنجيرن ۾ـ
تي گُذريون ڪيئي قيد صديون!
جت انصافن جي اکين ۾،
ٿا ڀالا ڀالا تير چُڀن!





جت انسانيت جي عظمت جا،
احساس لُڇي ٿا لاش ٿين!
جت معصوميت جي مُرڪن تي،
ٿا سازش ڀريل بم ڪرن!
جت تارا تارا تڙپي پن ـ
۽ چنڊ نہ ڪيئي چاڳ هُجن!
جت نفرت جي ئي نيزن سان،
ٿا ڀيليا دل جا ڀاڳ وڃن!
جنهن نگريءَ جي ئي نيڻن ۾،
بس مايوسين جا ميڙ هُجن!
جِت نعرو نعرو نينهن نہ آ ـ
۽ برسيو مُحبت مينهن نہ آ!
جِت پيار نہ ڪو پرچاءُ هُجي،
بس گهاوَ مٿان ڀيو گهاءُ هُجي،
جِت موت ڪان اڳ ئي مرڻو آ ـ
اُت مُور نہ مونکي اچڻو آ.
ڪنهن پُور نہ مونکي اچڻو آ...!

(شاعر، همٿ هارڻ بجاءِ آزاديءَ
اڳيان پنهنجو نئين سر موقف
رکي ٿو؛ ۽ نئين نسل جي باري ۾
ٻڌائڻ لڳي ٿو تہ مون هنن
نوجوانن جي ذهنن ۾ تُنهنجي لاءِ
اهڙو تہ عشق اُڀاريو آهي،
جيڪي هاڻ توکي ماڻڻ کان

سواءِ هڪ پل بہ ماٺ ڪري نٿا
ويهي سگهن)

<u>شاعر:</u>

اي آزادي! من جي وادي!
مان چاٽان ٿو مايوسين جا۔
تو منظر آهن خوب ڏٺا!
پر مُنهنجي ديس جي دلين جا،
تو مرندي ڪِٿ محبوب ڏٺا!؟
اڄ جوين چڙهيل جُوان تہ ڏس!
جي چوندي تو لئہ آندا هن،
سي بيباڪيءَ اعلان تہ ٻُڌ!
جي موت قبولڻ لاءِ ماندا!
سي واهڻ واهڻ وستيءَ ۾،
ها منصورن جان مستيءَ ۾۔
پيا ٽُنهنجا ئي بس گيت چون...!
للڪارن سان، تلوارن سان،
پيا روز وڙهن غدارن سان.
هر ڪافر، قاتل ڪنڌ مٿان،
ٿا ٻڄجي ڪيئي ڪات ڪرن...
تن ٻيڙن جا ٻاٽ تہ ڏس!
۔۽ چاھہ پريل چمڪاٽ تہ ڏس!
جي انڌيرن کي مارين پيا،
هر واٽ تي ڏيئا ٻارين پيا...!

(شاعر، آزاديءَ کي هيٺائيءَ ۽


www.sindhsalamat.com



حيرت مان التجا ڪرڻ ٿو لڳي)

<u>شاعر:</u>

اي آزدي! تون آءُ هلي!
پئي گُهٽيل ساھہ ۾ هير گُهلي.
ڪلھہ ٿوڙهيءَ تي جي مور مُئا،
پيا تن جا اڄ پِيي چُپين سُئا!
هر ڳتبو ڳتبو سنڌ مٿان،
آ گهوري پنهنجو ڪنڌ سُتو۔
پر مُور نہ اُن جو پنڌ سُتو!
هر صورت ساٽي شاهد آ!
جت رَت وهيو هو ريلا ٿي،
سا مڪلي مياٽي شاهد آ!
جِت ٻائي وائي شاھہ چئي۔
۽ ڪونج وڏي ڪُرلاءَ ڪئي!
جت سچل ويهي سچ لکيو،
هَر مُنڪر لاءِ مچ لکيو.
سا باھہ اجا پِيي پڙڪي پئي،
ٿي گولي گولي ڪڙڪي پئي!
هر سينو سينو سنڌ اٿئي،
هت هاڻ نہ جهُڪٽو ڪنڌ اٿئي!
هن جوڌن جي جولانن ۾،
هن بارودي اعلانن ۾۔
جي نعرا ٻڄجي نڪرن ٿا،


www.sindhsalamat.com

ڦڙڦوٽ پَون ايوانن ۾!
هي شهرن ۽ چوراهن لئہ۔
۽ سنڌو درياهہ، واهن لئہ،
ٿي ڏرٽا ڏرٽا نڪتا هن.
هر لهر لتاڙي سازش جي،
ڪي سڏ ورائي اُڪتا هن.
جي ساک بچائي ساٿ ڏين،
جي تارئون تار نہ لاٿ ڏين۔
سي زندانن کي توڙيندا!
نئون ديس امن جو جوڙيندا!
هر وچن سي توسان پاڙيندا!
هر منزل تي هر مقتل ڪان،
هڪ ٻير نہ پُٺتي واريندا!
تون تن کي ايڏي مات نہ ڏي!
ها! ڪاري ڪاري رات نہ ڏي!
اڄ برسي آ گهنگهور گهٽا۔
۽ گاج بہ پئي گجگاٽ ڪري.
ڏس اُپ ۾! ڪنوڻ بہ ڪينچل سان،
پئي لهرون لهرون لاٽ ڪري!
تون آءُ هلي! هر واٽ ڪري۔
۽ اوچو اوچو ڳاٽ ڪري...!

(رات جي سانت جو سينو چيري،
تيز هوا جي سرڙاٽ سان آزاديءَ
جو آواز اچڻ لڳي ٿو ۽ شاعر


www.sindhsalamat.com



ڪان پنهنجي موقف تان نہ ڦرڻ ۽
نہ وڪامجڻ لئہ وفا ۽ وچن نڀائڻ
جا وعدا وٺڻ لڳي ٿي.)

آزادي:

تون مونسان هڪڙو وچن نڀاءِ!
ها! جيئري پنهنجو ڪفن سباءِ!
تو جهڙا شاعر ڪوڙ هُئا،
ٿيا آزاديءَ لئہ موڙ هُئا،
سي واڪ وڏي تي وڪجي ويا!
۽ منزل ڪان اڳ ٿڪجي پيا!
جن گيت لکيا پئي بم گولا،
پر مونکي ڏيئي ويا رولا!
تون تن جي پاڙي جو آهين،
يا ٻي ڪنهن لاڙي جو آهين؟
جنهن قوم ۾ ڪوئي سَتّ نہ آ،
بس مونجهارو پر مَتّ نہ آ!
تنهن قوم تي ڇا احسان ڪجي!؟
ها! جنهن وٽ ڪوئي مان نہ آ۔
۽ انساني ايمان نہ آ...!

(آزاديءَ ويساهہ گهاتيءَ جي
ويس ۾ ويڙهيل ڇهرن کي، بي
نقاب ڪرڻ لڳي ٿي)

آزادي:

هو جي ويڪو ليڊر آهن،


www.sindhsalamat.com

سرڪس جي سيڙهيءَ تي ويٺل،
پولا پالا بندر آهن!
تن بس پنهنجا پيٽ ڀريا هن،
منشورن جا مقصد وڪڻي،
خالي کيسن ليٽ ڀريا هن!
ايسِيَنِ ۾ بس ويٺا آهن،
ناهه نڳيءَ جا ويٺا ناهن!
ورڪر هٿ ۾ ڪستو ڏيئي،
کيل پيا ڏسندا آهن ويهي!
جيڪو مال گهٽون تو آٽي،
سو ئي اوچو عُهدو ماٽي!
اهڙا ليڊر ماري چڏ تون!
بار وطن تان ٽاري چڏ تون!!

(آزاديءَ شاعر کي فلسطينين
جي جدوجهد ۾ آزاد نظريي جا
حوالا ڏيڻ تي لڳي)

آزادي:

هو ڏس! اڄ ٻه فلسطينين ۾،
جذبا ۾ جولان اُهي ئي!
روز مرن ٿا پر نہ مُڙن ٿا،
آزاديءَ اعلان اُهي ئي!
بندوقن جي سامهون آهن،
ٽينڪن سان خود کي ٽڪرائن!
سي جرنيل ۾ جوڌا آهن،
دل جا بلڪُل دودا آهن.





ڪنهن پيي ڪوڙي قاصد سان ڪٿ،
ڪونہ ڪندا ڪي سودا آهن.
ويڙهه وڏي سي روز وڙهن پيا،
سُور سهن پيا، پر نہ هٽن پيا!
هو ڏس! گوريلن جون مزارون،
ڪاميابيءَ جون آهن قطارون،
اهڙي منزل ماڻڻ ڪارڻ،
توڪي جوان ۾ جذبا گهُرجن!
هر سازش جو ساهه گهُٽين جي،
اهڙا سوڍا ساٿي گهُرجن!
ڪنهن ڦوروءَ ڪان مُور نہ ڦُرجن.

(آزاديءَ جي اکين ۾ هڪ ڀيرو
ٻيهر آگم تري ٿو اچي، ۽ پاڻ
پنهنجي محبوب ليڊر کي ساري
ٽڏو ساهه ڀري، شاعر سان
مُخاطب ٿئي ٿي)

آزادي:

سيّد جي بس ننڊ سُمهڻ سان،
آيا ڪُرسيءَ طلب ڪٽي، سپ!
هر ڪو ويٺو پاڻ پڏائي،
قربانيون پيو ڪيش ڪرائي!
ٿاٽي ٿاٽي تي مون گهاريو،
ماس هڏن جو آهي ڳاريو.
ٿوليون ٿاهيو ويٺا آهن،

سياسي ٺيڪيدارن وانگي_
مُلهه وڌايو ويٺا آهن!
پنهنجا ورڪر مارائين ٿا،
ريٽ وڌي تي ڳالهائين ٿا!
رهبر قوم جيارِيندا هن،
پاڪُر پائي پائيندا هن_
اڄ جا رهبر راشي آهن،
وسڪيءَ عادي، تاشي آهن!
تن کي ڇا احساس وطن جو؟
ڏينهن سُمهن ۽ راتيون جاڳن!
ڏرتيءَ لئه پل ڪاتيون جاڳن_
ڪو پيي اُن تي غور نه آهي!
سالن کان ڪو شور نه آهي!!
روز پيين ٿا مَڌ جون ماٽيون،
عيش عياشيون مستيون گهاٽيون_
تن سان ڪهڙو درد ونڊيندين؟
ملندي پنهنجو پاڻ ڇنڊيندين!
اڄ جا رهبر خوني خنجر_
مور نه مُرڪن تن جا اندر...!

(شاعر، آزاديءَ جي احساسن کي
محسوس ڪرڻ کان پوءِ به،
پنهنجي پُرجوش جذبن کي
جهيڻو ڪري، جُهڪائڻ لاءِ تيار
ئي ناهي؛ ۽ ويتر مضبوط دليل
ڏيڻ لڳي ٿو)



www.sindhsalamat.com



شاعر:

مان ڄاڻان ٿو هر ماڻهوءَ جي_
من ۾ مسجد مندر ناهي.
احساسن جي آڪاسن جو
وهنتل اُجرو اندر ناهي_
پاڪائيءَ جو پار ڏَسي جو
اهڙو ڪو پيي پنگهٽ ناهي!
ها جي پنهنجو پاڻ ٿا جرڪن،
اهڙن هيرن جو هٽ ناهي!
ها پر مون وٽ مُلهه مهانگا،
آزاديءَ لئه سپ کان سهانگا_
دودا جوڌا جُرئت پريا،
غيرت جي هن رت سان ڀَريا_
ڇا نه ڪپينديون تن کي ڪاتيون،
جن جا سينا ڪُليل ڇاتيون!
چونڊي چونڊي آندا آهن،
تُنهنجي لاءِ ماندا آهن.
قربانيءَ جو جام پيئڻ لئه،
تاريخُن جو نام ٿيڻ لئه...

(شاعر بُلند حوصلي سان،
آزاديءَ کي ماضي ۽ حال جا
احوال ٻُڌائڻ ٿو لڳي)

شاعر:

ڪلهه جي پينر بيوس مائي،



www.sindhsalamat.com

اڄ آ ٿي پئي ٻاگهل ٻائي.
سندرا سندرا چيلهه ٻڏل هن،
ارادا احساس اٿل هن.
ڪلهه جي ٻار ها ٻالا ڀولا،
ڪريو گهُمن اڄ ٽوليون ٽولا!
ڪلهه جا هاري هيسيل هيٺا،
اڄ ٻلوانن جان هن ڀيٽا!
ويا هن ليڪا چوڪا سمجهي،
دربارن جا دوڪا سمجهي.
هٿ ۾ ڪاتر ڪولهيءَ ڏاتو
ڪنڌ ڪپڻ لئه ڳر ڪٽي پيو-
جت آ ڪانئر قاتل گهاتو!
ڪلهه جي ريٻارين جون رڙيون،
روپا ماڙيءَ تي پئي چڙهيون-
اڄ سي توڏي آهن لڙيون،
ٻٽجي سُرندا، چنگ ۾ چڙيون.
ڪلهه جي ڪاڪ منڊل ۾ جيڪا،
سازش مومل ساڙي آهي-
اڄ ڏس ٽر ۾ ٻر مان تولئه،
مومل، مومل مينڊا ويڙهيا،
پاتي سورمين ساڙهي آهي!
هت جي سانجهه سڏي پئي توکي،
ٻاڪُن ڪوليا پاڪُر آهن-
اوجاڳيل هن اکڙين جا پِي،
آتا تولئه آڳُر آهن!





روز پيا ڦڙڪن ٻارن هٿ ۾،
ڳاڙها ڳاڙها جهنڊا آهن!
گولين سامهون ڪٽيو بيٺا،
لٺيون، ڪُهاڙيون ڏنڊا آهن!
ڪونه ٻُڌن ٿا ڪنهن جي پاشا،
ٽُنهنجي ڪٽي نڪتا هن آشا..!

(شاعر، هڪ دفعو ٻيهر آزاديءَ
کي آٿتي احساسن سان
سمجهائڻ لڳي ٿو)

<u>شاعر:</u>
مان ڄاڻان ٿو، اي آزادي!
تو سچ چيو آ سين هٽي.
هي رهبر ڪوڙا ڪوٽ لڳن،
ٿا نيلاميءَ جا نوٽ لڳن-
پر مُنهنجا جوڌا جُنگ سيئي،
۽ راهون رستا لنگهه سيئي،
تن سان مُور نہ ملٽا آهن.
طوفانن جي سامهون نڪتل،
پير نہ پُٺتي هٽٽا آهن.
بستيءَ بستيءَ اُڄ اُجهائي،
سوڪهڙو ۽ سُڄ اُجهائي.
سوڪ نہ سهٽا ساگر آهن،
ڪوڙهہ نہ تن کي ڪوڙ جو ڪٿ پي،
سچا سپ قلندر آهن!

سرمد جهڙيون سوچون تن جون،
لهرن وانگي لوچون تن جون.
ساهڙ ساهڙ سڌ سنياري،
سُهڻيءَ جو تي پيار پُڄن ٿا،
دارن دڙڪا ڪونہ مڃن ٿا!
پر جي توکي ويساهہ ناهي،
ڌرتي توکي ضامن ڏيان ٿو!
لاڙ اُتر ۾ ڪاڇي، ٿر جو
ڪولي توکي دامن ڏيان ٿو.
تن جي شاهہ گواهي ڏيندو!
پيتا لئہ هر وائي ڏيندو!
ان ڪان وڌ پيو مون وٽ ناهي!
ڌرتيءَ سان وٽ پاڻ ڳالهائي!

(ڌرتي، جيڪا صدين ڪان وني
سُچ ۾ اُج ۾ سڙي ساٽي تي پئي
آهي، سا اج آزاديءَ کي پنهنجي
سُورن جو داستان ٻُڌائڻ تي لڳي)

ڌرتي:

چا تو مُنهنجا سُڏڪن پريا،
ڪونہ ڪٿي پيي سڏ ٻُڌا هن؟
ماس خوشين جو سارو روڙي،
ڦهرين ڪوري هڏ چڏيا هن!
هرهر تو لئہ جهاتيون پاتم،
پر نہ اُميدون ڪڏهن لاٿم.
روز پُڪاري تو لئہ رڙندي،





ساٽي تي، بس سڪ ۾ سڙندي،
تيل ڪڙاهين ۾ پيي ڪڙهندي،
تنهائين ۾ تاريڪن سان-
ويڙهہ صدين ڪان ئي ڪا وڙهندي،
زخمي تي پئي ساري آهيان!
ڪهڙا توکي درد ٻُڌايان!؟
مُنهنجو سنڌوءَ سوڪ ٻڻيو آ،
ٻُک جو ويلو لوڪ ٻڻيو آ!
سُونهن ڪنارن چاٽي آهي،
سُکي وئي هر لاٽي آهي.
موجون سارين روز ٻتيلا،
هاڻ ڪنڌيءَ تي اُج ۾ اڪيلا!
اُڏري پيئي رُج ۾ واري،
ڏک ۾ ويڙهيل آ هر ناري..
ڪانہ آ ڪٿ مهندي ڪا ڦُلاري!
رَت جي روز هلي تي هولي،
سينو سينو چيري گولي!
پاري ڪيئي ٻَمر ڪرن ٿا،
ٽُڪرا ٽُڪرا جسم ٿين ٿا!
رڙيون ڪوڪون ماتم آهي،
غم جو گهرو عالم آهي!
موهن کي ميسارڻ لاءِ،
تهذيبن کي مارڻ لاءِ،
صدين ڪان ئي نڪتل آهن-

ويجها ٿي ويا قاتل آهن!
جاڳيو ڪو پيي وارث ناهي!
هُن جي هٿ ۾ خنجر آهي.
زخمي ڪيٽي بندر آهي!
مڪليءَ جي مينارن سان گڏ،
لُٽجي ويو هر مندر آهي!
ڪارونجھر ڏي ڪاهي پيو ٿو،
ڪڙو ڏئي ويو ڪينجھر آهي!
نوريءَ نوريءَ ننڊ مُئل آ،
ڄام نہ ڪوئي چارو آهي!
سارو ديس ڏُڪارو آهي-
تيز هوا سان بارش ٻڌجي،
قوم لئہ هاڻ نوازش ٻڌجي-
دربارن کي اڄ ڪيراءِ!
قاتل قاتل ڪنڌ تي ڪڙڪي-
تلوارون ۽ تِير هلاءِ!
ڪاميابيءَ جي ڪاڪ ڪنڌيءَ تي،
ظُلمن هاٿي سُور صديءَ تي،
سونهري سج جي ڪرڻن سان-
آزادي! جھنڊو ڦڙڪاءِ...!
ڪاري ڪاري رات ڀڄاءِ...!

(باک ڦُٽيءَ جو وقت ٿئي ٿو پکي
منڙيون لاتيون لنوي رهيا آهن،
ڀٽائي ڌرتيءَ جو درد ٻُڌي قوم ۾
آزاديءَ سان پنهنجي آواز ۾
مُخاطب ٿيڻ لڳي ٿو)





ڀٽائي:
سڄڻ ۽ ساٿيھ، ڪنهن اٺاسيءَ وسري،
حيف تنين کي هوءِ، وطن جنين وساريو!

(شاعر، آزادي ۽ ڌرتي، ڀٽائيءَ جو
پيغام ٻُڌي، غور سان ڀٽائيءَ جي
اکين ۾ گُھوريندا رهجي ٿا وڃن-
پردو ڪري ٿو...)

سنڌ سلامت
ڪتاب گھر